

شاهي ذوق شيديءَ جو
[سگهڙ عبد الخالق عرف مولابخش شيديءَ جو ڪلام]
لوڪ ادب شاعري
سنوارينڊڙ
عاجز رحمت الله لاشاري

# شاهي ذوق شيديءَ جو

[سگهڙ عبدالخالق عرف مولابخش شيديءَ جو ڪلام]

لوڪ ادب شاعري

سنواريندڙ

## عاجز رحمت الله لاشاري

باني / چيئرمين

سنڌ سگهڙ لوڪ ادب تنظيم (سلات) رجسٽرڊ

سنڌ، پاڪستان

ڊجيٽل ايڊيشن:

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر**

# ڪتاب جا حق ۽ واسطا (سلات) وٽ سوگها

ڪتاب جو نالو: شاهي ذوق شيديءَ جو
(سگهڙ شاعر عبدالخالق عرف مولابخش شيدي جو ڪلام)

سگهڙ شاعر: عبدالخالق عرف مولا بخش شيدي
0341-9620277 | 0300-3426623

موضوع: لوڪ ادب شاعري

سنوارينڌڙ: عاجز رحمت الله لاشاري
0301-3566707 | 0346-3685474

ڇاپو: پهريون

سال: جون 2016ع

تعداد: 1000 ڪاپيون

ڇپائيندڙ: سگهڙ لوڪ ادب تنظيم (سلات) رجسٽرڊ سنڌ، پاڪستان

لي آئوٽ ۽ ٽائيٽل: امين سولنگي 0315-3020869

ڇپيندڙ: ايڊوانس پرنٽنگ ايجنسي، گاڏي کاتو حيدرآباد.
0315-3773743

محبت جي منائي: 200 روپيه

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **” شاهي ذوق شيديءَ جو“** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. سنڌ جي لوڪ ادب جي اهم صنف سگهڙائپ سان واسطو رکندڙ سگهڙ شاعر عبد الخالق عرف مولا بخش شيديءَ جي ڪلام جي هن مجموعي جو مرتب ۽ سنواريندڙ محترم عاجز رحمت الله لاشاري آهي.

عبدالخالق عرف مولا بخش شيدي شاهاڻو شوق رکندڙ محبتي ماڻهو، شاعريءَ سان گڏ شاهه صاحب جو شيدائي آهي. هي ڏاهو ۽ ڏات ڌڻي، هي سڀاجهو ۽ صدورو سگهڙ توڙي سالڪ آهي. سگهڙ پائي جي صنفن جي سُجاڻ رکندڙ، ڳجهارت جو ڳولائو منجهس ڏورن ڪي ڳولڻ جو ڏانءُ سمايل آهي. هنر ۾ هوشيار ۽ سينگار جو سرجڻهار آهي سندس ڪتاب ۾ گفتن جو گُن ۽ گُر پريَل آهي، ٻاجهاري ٻولن جو جهڙوڪ ٻج چٽيو هُجي.

هي ڪتاب **سگهڙ لوڪ ادب تنظيم** پاران 2016ع ۾ ڇپايو ويو آهي. ٿورائتا آهيون رحمت الله خاصخيليءَ جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ لاءِ موڪلي.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# ڇـاڻ



| سيريل | موضوع | ليکڪ | صفحو |
|---|---|---|---|
| 1 | انتساب | فقير مولابخش شيدي | 6 |
| 2 | مُهاڳ | محمد قاسم راهمون "پياسي" | 7 |
| 3 | سُگهڙ جي سڃاڻپ | سگهڙ محمد عالم مهر | 10 |
| 4 | ٻوليءَ جي بچاءَ لاءِ وڏا ايل وِڪ | رئيس غلام الرسول مغيري | 12 |
| 5 | سرويچ وينجهار | سُگهڙ بدر الدين "بدر" ڪيهر | 13 |
| 6 | فقيري رنگ...؟ | عاجز رحمت الله لاشاري | 15 |
| 7 | پنهنجي پاران | سگهڙ عبدالخالق عرف مولا بخش شيدي | 29 |
| 8 | حمد و ثنا | | 31 |
| 9 | مصطفيٰ ﷺ جي مَـدَح | | 33 |
| 10 | سينگار | | 36 |
| 11 | مَدَح نامون | | 41 |
| 12 | مناقبا | | 43 |
| 13 | ٽيهه اکري | | 51 |
| 14 | ڀاڪي جا بيت | | 57 |
| 15 | ڏاهپ ڀريا ڏَسَ | | 66 |
| 16 | مُئي پڇاڻا ميت جي | | 67 |
| 17 | جنهن جو عشق الله سان | | 68 |
| 18 | چانهه ۽ لسيءَ جو مناظرو | | 69 |
| 19 | حالَ جي حقيقت | | 71 |
| 20 | آجيان جا بيت | | 72 |
| 21 | لوڪ گيت | | 74 |
| 22 | قومي گيت | | 76 |
| 23 | هُنر | | 79 |
| 24 | ڪافي/ڪلام | | 81 |
| 25 | ڏور بيت | | 85 |
| 26 | ڳجهارتون | | 91 |

# انتساب

مان پنهنجي هيءَ لوڪ ادب جي لاتين سان سجايل
پهرئين ڪتاب جي سوکڙي
سنڌ جي برک عالم ۽ صوفي بزرگ، هفت زبان شاعر،
**حضرت علامه فقير هدايت علي "تـارڪ" نجفي**
جي **نالي** ڪريان ٿو.
جنهن جي پاڙي ۾ رهندي
هن فيض سان فيضياب ٿيو آهيان.

**فقير مولابخش شيدي**

# مُهاڳ

ادو! عبدالخالق عرف مولا بخش شيدي شاهاڻو شوق رکندڙ محبتي ماڻهو، شاعريءَ سان گڏ شاهه صاحب جو شيدائي آهي. هي ڏاهو ۽ ذات ڏٽي، هي سڀاجهو ۽ صدورو سگهڙ توڙي سالڪ آهي. سگهڙ پائي جي صنفن جي سُڄاڻ رکندڙ، ڳجهارت جو ڳولائو منجهس ڏورن کي ڳولڻ جو ڏانءُ سمايل آهي. هنر ۾ هوشيار ۽ سينگار جو سرجڻهار آهي سندس ڪتاب ۾ گفتن جو گُن ۽ گُر پريَل آهي، ٻاجهاري ٻولن جو جهڙوڪ ٻج ڇٽيو هُجي.

شيدي قبيلو سنڌ جو پراڻو قبيلو آهي. سندس نسب قنمبر سان آهي ۽ سندس نسبت وري محبوبن جي عاشق اصحابي حضرت بلال رضي الله عنہ جن سان آهي توهان ڏسو هن قوم ۾ دليري، ديانتداري، فرمانبرداري، وفاداري اهي چارئي خوبيون موجود آهن اهي چارئي خوبيون حضرت بلال ۾ اهي چارئي خوبيون حضرت قنمبر ۾، اهي چارئي خوبيون سنڌ جي ڏهيسر جرنيل سنڌ تي شهيد ٿيندڙ مرد مجاهد هوش محمد عرف هوشو شيدي ۾ بہ موجود هيون.

آئون اها بہ ڳالهہ ڪندو هلان تہ دليري ۽ پهلواني ۾ ٻيراني جو الله وسايو شيدي ان جا پٽ پاڏو شيدي گهيٽو شيدي ۽ گهمڻ شيدي جيڪي قداور ۽ پهلوان انهيءَ تر ۾ مشهور هئا وري ڄام خاندان جو خاص نوازيل پهلوان ڪريم بخش شيدي پهرين جوڙ جو ملهہ ٿي گذريو آهي جنهن جو قد بت لباس ۽ پٽڪي ٻڌڻ جو انداز ئي نرالو هو ۽ اهي سڀ پنهنجو پاڻ ملهائي ويا. هتي ڳالهہ اضافي لکڻ جي ضرورت نہ هئي پر ڪن سببن جي ڪري لکڻ ضروري آهي، اها هي آهي تہ ڪافي ماڻهو پنهنجون ذاتيون مٽائي ڇڏيندا آهن پر آئون انهن کي عاجزانہ التجا ڪندس تہ هي ذاتيون نہ بدلائن ڇو تہ سنڌ جون جيڪي بہ ذاتيون آهن اهي وڏيون معتبر قدر شناس ذاتيون آهن.

مون تقريباً 32 سؤ ذاتين تي هڪ وڏو بيت ٺاهيو آهي ٻيا بہ تقريباً ويهارو کن ڪتاب لکيا آهن حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ؒ جن جو رسالو (شاهہ جو گنج) مرتب ڪيو آهي جنهن ۾ ٽوٽل اٺ هزار بيت ڏنل آهن.

ادي مولا بخش سان منهنجو ايترو پراڻو تعلق ناهي صرف چند سال ٿيا جو اسان جي تنظيم "سلات" جو ميمبر ٿيو. "سلات" جي باني عاجز صاحب به سندس قدر داني ڪئي ۽ پاڻ به بهترين قدردان ماڻهو آهي اسان جو به پوءِ واسطو ٿيو پر توهان يقين ڪريو ته سندس ملڻ جلڻ ۾ ايتري ته محبت ملي جو جهڙوڪ ڪافي سالن کان پراڻو واسطو هجي. توهان ڏسو دنيا ۾ جيڪي به ماڻهو محنت ڪندا آهن انهن کي خدا پاڪ انهيءَ محنت جو اجر ضرور ڏيندو آهي ۽ اهي پنهنجي منزل ماڻي انهيءَ اوچي درجي تي پهچي ويندا آهن. ۽ انهن کي الله تعاليٰ اُهو مقام ڏيندو آهي جنهن جو ٻانهو تصور به نٿو ڪري سگهي.

موقعي جي مناسبت سان اها ڳالهه به لکڻي پيئي. ته عاجز رحمت الله لاشاري صاحب به هڪ بهترين سگهڙ آهي. پر هن ۾ ڪو به وڏاءُ ناهي ته هي تمام بهترين قاري، تمام سهڻو نعت خوان ۽ دور جي حساب سان ميڊيا جو نمائندو به آهي. الله تعاليٰ ۽ سندس حبيب جي مٿس مهرباني آهي.

سنڌ جا سڀ سگهڙ سنڌي ٻوليءَ جا رکوالا آهن. خاص ڪري اسان جي تنظيم "سلات" جو سابق مرڪزي صدر مرحوم حسين بخش رڏ ته پنهنجو مٽ پاڻ هو جنهن ۾ ڪنهن به قسم جي ذات پرستي، مذهب پرستي، انا پرستي نه هئي. هن "سلات" جي سفر ۾ سندس جو اوچتو وڇوڙو نه رڳو "سلات" جي سگهڙن پر سموري سنڌ واسين لاءِ جيءُ جهوريندڙ سانحو آهي الله پاڪ کيس جنت ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي. (آمين)

بزرگ سگهڙن جهڙوڪ استاد هدايت علي رڏ، استام محمد مريد زهراڻي، استاد محمد ملوڪ عباسي، استاد محمد امين سنياسي، استاد محمد شريف ڏاهري جهڙن وڏن معتبر سُگهڙن جيڪو ٻوٽو پوکيو آهي ان جو اسان ڦل پيا کائون. حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليه هڪ وڏو سگهڙ ۽ سگهڙن جو سرتاج، سگهڙن جو سرمايو سيئي سگهڙ سندس شاگرد ئي آهن.

حقيقت ۾ ڏسو ته سگهڙن پنهنجي سگهڙائپ جي فن سان گڏ اسان جي معاشري جي اصلاح ڪئي آهي ادب کي معيار بنايو آهي. وطن سان روحاڻو ناتو نڀايو آهي سنڌوءَ جي شهرن، شاهراهن، ماڳن مڪانن، ڍنڍن، ڍورن، جهرن جهنگن، ڏونگرن ڏولاون، ڏکن ڏاڪڙن، جو ڏن جونجهارن، دودن، دليرن، ڏاهن، ڏاتارن، ڀٽن ڀانن مطلب ته سنڌ جي ڪِرت ڪهاوت، ريتن رسمن سماج جي هر شيءِ کي تمام

سهڻي انداز ۾ بيان ڪيو آهي. سنڌ جي سگهڙن سينگار کي اوج تي پهچايو. مطلب تہ سگهڙ سنڌ جو سرمايو آهي. انهن ۾ ادو عبدالخالق عرف مولا بخش شيدي هن مانَ واري ماڙهو پنهنجي ڪتاب ۾ پنهنجو روحاني رنگ روحاني راز پنهنجو روحاني خزانو قربائتو ڪلام ڳُڻن ڀريو گُن پنهنجو سالڪاڻو سلوڪ، سگهڙ پائي جي سوچ ۽ فڪر کي اُجاگر ڪيو آهي. سندس ڪتاب ۾ سگهڙ پائيءَ جون صنفون موجود آهن جنهن ۾ حمد، منقبت، نعت، سلوڪ، سينگار، هنر، ڏور، ڳجهارت، ڪافي، ڪلام مطلب تہ ڪافي ڪجهہ مواد شامل ڪيو آهي. اميد تہ پڙهڻ وارن وٽان محبتي موٽ ملندي ۽ سندس حوصلو اجان بہ وڌندو ۽ اڳتي وري بيو ڪتاب لکڻ لاءِ محنت ڪندو. آخر ۾ دعا آهي تہ اسان جي هن مان واري سگهڙ دوست ادي عبدالخالق عرف محبتي ماڻهو مولا بخش کي مولا آباد رکي ۽ اسان جي شيدي ڀاءُ کي شل شاد رکي ۽ سُگهڙن جي نمائنده تنظيم سنڌ سُگهڙ لوڪ ادب تنظيم "سلات" جو هي قافلو سُگهڙن جي سرواڻ عاجز رحمت الله لاشاري سميت استاد گل حسن گل ملڪ ۽ ٻين جي اڳواڻيءَ ۾ روان دوان رهي تہ جيئن فقير مولابخش وانگر سنڌ جي ٻين ڏاهن ذات ڏٽين جا ڪتاب بہ اهڙي نموني سينگارجي، سنوارجي شايع ٿيندا رهن ۽ سنڌي قوم ان منجهان لاڀ حاصل ڪندي رهي.

(آمين ثم آمين)

سگهڙن جو خادم

**محمد قاسم راهمون "پياسي"**

ضلعي صدر: "سلات"

ساڪري ٿرپارڪر

26-01-2016

# سُگهڙ جي سڃاڻپ

سنڌ جي خوشبودار مٽيءَ مان لاتعداد املهہ ماڻڪ انسانن جنم ورتو آهي. اهڙن انيڪ انسانن ۾ صوفين جي سرتاج ۽ فقيري فڪر جي علمبردار علامہ سائين هدايت علي نجفي “تارڪ” جي ابدي آرماگاهہ واري شهر لالو رونڪ جو ڏاهو ڏات ڌڻي سُگهڙ عبدالخالق عرف مولابخش شيدي بہ هڪ آهي.

سُگهڙ عبدالخالق عرف مولابخش شيدي جو جنم 20 سيپٽمبر 1964ع تي سندس بابي علي شير شيديءَ جي ڪڪائين صحن تي ٿيو. پاڻ ديني تعليم جي ضروري ڄاڻ، قرآن پاڪ ۽ پرائمري جا پنج درجا لالو رونڪ شهر ۾ ئي شفيق استادن جي شفقت هيٺ پڙهيو ۽ رشيد وگڻ جي هاءِ اسڪول ۾ مئٽرڪ جو امتحان ڏنائين. ڪيس قابليت جي بنياد تي 28 آڪٽوبر 1989ع دوران پوليس کاتي ۾ نوڪري ملي.

مرحوم سُگهڙ علي مراد ٿهيم جي صحبت ڪيس سُگهڙائپ جو ذوق ڏياريو ۽ لوڪ ادب جي فن جو باقائدي شاگرديءَ جو ڳانو قابل استاد سُگهڙ غلام قادر پتو کان ٻڌرايائين.

سُگهڙ عبدالخالق عرف مولابخش شيدي سنڌ جي نمڪ ملهائيندڙ ڏات ڌڻين مان آهي جنهن پنهنجي رهبر استاد غلام قادر پتو کي فني مڃتا طور سال 2002ع ۾ تاج پوشي ڪرائي سونو تاج پارايو ۽ هڪ ڀيرو وري 2015ع ۾ سلات جي باني ۽ جاڪوڙي سُگهڙ عاجز رحمت الله لاشاري سان گڏ سندس استاد غلام قادر پتو کي بہ چانديءَ جو تاج پارايو. سُگهڙ عبدالخالق عرف مولابخش شيدي سُگهڙ سان گڏ هڪ سماج سڌارڪ ۽ هڏڏوڪي انسان پڻ آهي سماجي خدمتن جي اعزاز ۾ لالورائنڪ جي سياسي، سماجي، ادبي ڌرين ڪيس ڪوڙ ڀيرا تقريبون پڻ ڪوٺايون آهن.

سلات پاران ڄامشورو ۾ 12 ڊسمبر 2015ع تي صاحب ڪتاب سُگهڙن جي مان ۾ ڪوٺايل ملڪ گير ڪنوينشن ۾ ڪتابن جي خالق سُگهڙن کي پٽڪا پارائڻ ۾ مولابخش شيدي جو مُک ڪردار هو.

سندس لوڪ ادب خدمتن جي اعتراف طور سُگهڙن جي نمائنده تنظيم "سلات" ۾ ٻين ادارن پاران مليل ميڊل مڃتا سرٽيفڪيٽن ۾ ايوارڊن جون تصويري جهلڪيون ۾ عڪس هن ڪتاب ۾ محفوظ ڪيا ويا آهن جيڪي پڻ ڏسي سگهجن ٿا.

**سگهڙ محمد عالم مهر**

ضلع صدر: سلات

شڪارپور سنڌ

# ٻوليءَ جي بچاءَ لاءِ وڏا ايل وِڪ

اسان جي پاڙي ۾ بزرگ اولياءُ هفت زبان شاعر علامہ فقير هدايت علي نجفي "تارڪ" جي نگري ۾ ۽ پاڙي ۾ رهندڙ سگهڙ عبدالخالق عرف مولابخش شيدي بہ هڪ آهي جن کي قدرت جي طرف کان ڏات مليل آهي. جيڪو صوفي عزم سان پڻ واسطو رکندڙ آهي صوفي طبقي ۾ چار قسم جن ۾ هڪ نقشبندي آهي.

هن جي شاعري بہ نقشبنديءَ سان تعلق رکي ٿي ۽ اهو خدا جي طرف کان هر انسان کي اهڙي ڏات نہ ملندي آهي ۽ هي ڏات ڏٽي هر انسان جا دعاڳا رهندا آهن. ڏک سک ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بچاءَ لاءِ لوڪ ادب سگهڙن جون اهڙيون خدمتون ڪافي ادب جي لاءِ آهن. جڏهن بہ هنن جي ڪچهري هلندي آهي تہ اهڙا پنهنجي ڌرتي لاءِ ۽ ماڻهن کي ڏاهپ جا ڏس ڏسيندا آهن. اهڙا انسان هميشہ هن زماني ۾ اُجاگر رهندا آهن. سهڻا سٺا قول ۽ ڏانو ڏيندا آهن ۽ هنن جي شاعريءَ ۾ سڪون ۽ سرور سمايل هوندو آهي هنن جي ڪچهريءَ ۾ سٺا سهڻا لفظ هوندا آهن جيڪي من کي موهيندڙ آهن.

مون کي تمام خوشي ٿي آهي، سائين نجفي "تارڪ" کان پوءِ مولابخش جو ڪتاب شهر لالو لاءِ هي ٻيو نمبر تحفو آهي. رب پاڪ جي دربار ۾ اسان جي التجا آهي تہ مولابخش جو ڪتاب ميجتا لاءِ اهم ثابت ٿيندو ۽ مولابخش بہ پنهنجي شاعريءَ ۾ اضافو آڻي ۽ ٻيا ڪتاب بہ شايع ڪرائيندو رهندو.

دعاءِ طلبگار

**رئيس غلام الرسول مغيري**

ڳوٺ قائم خان مغيري

# سرويچ وينجهار

دنيا اندر هر هڪ ٻوليءَ وارن کي پنهنجو ادب هوندو آهي، اهڙيءَ ريت سنڌڙيءَ سڀاجهيءَ کي پنهنجو سنڌي ادب ۽ تهذيب ثقافت آهي سنڌي ادب جو روح لوڪ ادب آهي، لوڪ ادب جو تخليقڪار سگهڙ هوندو آهي. سنڌ اندر تمام وڏا سگهڙ ٿي گذريا آهن. اڄ به تمام وڏا سگهڙ موجود آهن، جيڪي هن فاني جهان کي ڇڏي ويا آهن. انهن جو ذڪر مان لازمي ٿو سمجهان ڇو ته انهن جي نقش قدم تي هلي اسان گهڻو ڪجهه پرايو آهي.

منهنجي مشاهدي مطابق ضلعو جيڪب آباد سگهڙائپ جو مرڪز رهيو آهي انهن ۾ مشهور نالا هن ريت آهن. استاد لعل ڪورار سگهڙ عالم فن جو پارکو هو ۽ فنڪار هيو. استاد محمد صيفل پٽي اڻ پڙهيل هوندي به لوڪ ادب جو درياءُ هو استاد فقير بهار علي بهار ٻرڙو به پنهنجو مٽ پاڻ هو جيڪڏهن علم ادب جو ادارو چئجي به وڏاءُ نه ٿيندو پر ان جي خدمتن جو ازالو پورو ڪو نه ٿيندو. اهڙي طرح سنڌ ۾ ٻيا به ڪافي نالا سامهون اچن ٿا جن ۾ فقير هدايت علي رنڌ، ٻيڙو فقير ڪنيار، جلال فقير ڪٽي، محمد ملوڪ عباسي ۽ ٻيا ڪيئي سگهڙ ڪافي ٿي گذريا آهن. جيڪي انگ اکرن جي ڳڻپ ڪان به وڌيڪ آهن.

موجوده وقت ۾ به تمام وينجهار اسان جي سنڌ ۾ موجود آهن. جهڙوڪ سنڌ سگهڙ لوڪ ادب تنظيم "سلات" جو باني ۽ گهڻ رخي شخصيت عالم، نعت خوان، شاعر، سگهڙ، صحافي سلڇڻو سدابهار انسان محترم عاجز رحمت الله لاشاري صاحب ۽ "سلات" جو سابق مرڪزي صدر سدا حيات استاد سُگهڙ حسين بخش رڏ صاحب جيڪو پڻ لوڪ ادب لاءِ جاکوڙيندڙ پاڻ پتوڙيندڙ اهم شخص رهيو آهي سندس خدمتون هميشه ياد رکيون وينديون، جڏهن ته سنڌ سگهڙ لوڪ ادب تنظيم "سلات" جو مرڪزي سيڪريٽري جنرل محترم گل حسن گل ملڪ صاحب، گهڻو پيارو نڀائيندڙ ۽ لوڪ ادب ۾ سٺا شاگرد پيدا ڪندڙ محترم جناب استاد غلام قادر پٽو صاحب، "سلات" جو سينيئر نائب صدر ڏاهپ سندا ڏس ڏيندڙ محترم غلام محمد منگي صاحب ۽ "سلات" جو محبوب اڳواڻ پٽائيءَ جي بيتن

جي تشريح ۾ گنج لکندڙ محترم جناب محمد قاسم راهمون ۾ مون سميت تمام وڏي انگ ۾ لوڪ ادب جا تخليقڪار پنهنجو پنهنجو فن لکندا رهن ٿا، اهڙي طرح هڪ سهڻي طبيعت رکندڙ سهڻي اخلاق جو مالڪ "سلات" جو روح روان، غازي مرد، يارن جو يار مولا بخش جنهن لوڪ ادب جو ڪتاب شايع ڪرايو آهي، سندس ڪي جس هجي. جو سنڌ ڌرتيءَ سنڌي ٻوليءَ سان پيار ڪندي پنهنجي هڙان وڙان خرچ ڪندي مر ڪندي نظر ٿو اچي. اهڙي مرد مجاهد ڪي الله سائين شاد آباد رکي. تہ جيئن لوڪ ادب سرشار رهي. ان مهڪندڙ انسان کي دعائون ڏيندي مان پنهنجو موضوع پورو ٿو ڪريان ۽ دلي دعا ٿو ڪريان تہ "مولابخش" جي لوڪ ادب جو ڪتاب وڏي جاءِ والاري خوب مڃتا ماڻي. (آمين)

ناچيز

**سُگهڙ بدر الدين "بدر" کيهر**

سينيئر ميمبر: "سلات"

کيهر ڳوٺ لاڙڪاڻو

0345-3850525

# فقيري رنگ...؟

سنڌ ڌرتي جي خوشبودار سُڳنڌ مٽيءَ مان انيڪ شخصيتن جنم ورتو آهي جن ۾ ڪيترائي عالم، اديب، ڏاها، مفڪر، پير، فقير، درويش، مست، شاعر، سُگهڙَ ۽ ان قسم جي ذات سان ڀرپور لاتعداد ڏاها شامل آهن.

ڌرتيءَ جي گولي تي رهندڙ ماڻهن جو سُڪُ ڦٽائيندڙ انتها پسندي، لساني، ذات پرستي جي ور چڙهيل ڪيترين ئي قومن امن پسند انسانن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي. ڏنو وڃي ته اسان جي سنڌ ڌرتي صدين کان امن پسند ۽ صوفين جي سر زمين رهي آهي جنهن کي خبر ناهي الائي ڪهڙي ظالم جي نظر لڳي آهي جو ڏينهون ڏينهن فتنا ۽ فساد وڌندا پيا وڃن ۽ هر گهر توڙي گهٽيءَ مان بارود جي بوءِ اچي رهي آهي. ان قسم جي سيني معاملن ۾ مرحلن جو حل لطيفي صوفيانا فڪر ۾ آهي جيڪو حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جي پيغام توڙي حضرت صوفي شهيد شاهه عنايتؒ ۽ شهيد مخدوم بلاولؒ جهڙين عظيم هستين جي ٻڌايل واٽ تي عمل ڪرڻ آهي.

هاڻوڪي ضلعي قمبر شهدادڪوٽ تعلقي وارهه جي شهر لالو رائنڪ ۾ آرام ڪندڙ وقت جي بزرگ هستي حضرت فقير هدايت علي "تارڪ" نجفيؒ جي فيض سان فيضياب ڏاهو ذات ڏٺي فقير سگهڙ عبدالخالق عرف مولابخش شيدي جي هن ڪتاب جي اشاعت تاريخ ۾ پهريون قدم آهي جو هن شهر جي ڪنهن سگهڙ جي ذات جو اڻ ملهه خزانو ڇپجي سنڌ واسين جي هٿن تائين پهچي ۽ پوءِ ڏسڻو اهو آهي ته سنڌ واسي توڙي هن شهر لالو رائنڪ جا سماج سڌارڪ، صحافي، سياستدان، عالم، اديب، ڏاها، مفڪر، سُگهڙ ۽ شاعر ڪهڙي موٽ ڏين ٿا اهو وقت کان پهرين ٻڌائڻ غير ضروري آهي.

هن ڪتاب ۾ سگهڙ شاعر عبدالخالق عرف مولابخش شيدي جي شخصيت ۽ فن بابت مختلف دوستن پنهنجا ويچار ونڊيا آهن جڏهن ته مان سندس ئي خواهش جي پورائي خاطر فقيري فلسفي بابت ڪجهه اوهان آڏو عاجزانه الفاظ سامهون رکان ٿو جنهن کي پڙهڻ کان پوءِ اوهان جي قيمتي راءِ جو اُلڪو تادير قائم ۽ دائم رهندو.

هن دؤر تي نظر ڦيرائجي ٿي تہ اڄ ڪلهہ جيڪو گيڙو ڪپڙا پائي، ڪنٺو هجيس ڳچيءَ ۾، ڪُنڌري هجيس هٿ ۾، سُلفي هجيس ساڻ، ڀنگ جي ڪري پيئنگ ۽ چرس ڪي ڪري چٽ، تو تارو در در وڃائيندو وتي، نہ پڙهي نماز ۽ نہ رکي روزا، ڏاڙهي هجيس پونو ۽ مُڇون هنجس ماڪڙ وانگي مُلن توڙي ڏاڙهي وارن تي ٺوڪ ڪندڙ هجي، اهڙي ماڻهوءَ کي سنڌ جا گهڻا ابوجهہ انسان، فقير صاحب سڏيندا آهن! مگر ويچارن کي خبر ئي ناهي تہ، فقير جي معنيٰ ڇا آهي ۽ فقير ڪنهن کي سڏجي؟

## فقير ۾ چار اکر آهن: ف - ق - ي - ر:

ف: معنيٰ فاقو فضليت، فڪر ۽ فنا.

ق: معنيٰ قناعت، ۽ قرب.

ي: معنيٰ يادگيري الله جي ۽ يقين.

ر: معنيٰ رياضت ۽ رضا تي راضي.

يعني فقير انهيءَ کي چئبو آهي جيڪو بُکون ڪاٽي يعني روزا رکي، فضيلت وارو هجي، ڪنهن تي بہ ٺوڪ بازي نہ ڪري ۽ پنهنجي هستيءَ کي فنا ڪري، جيڪي وٽس هجي انهيءَ تي قناعت ڪري ۽ قادر جو قرب هجيس. رياضت يعني بندگي ڪري ۽ رازق جي رضا تي هر دم راضي رهي.

جنهن بہ فقير ۾ اهي مٿيون خوبيون نہ هجن تہ انهيءَ کي فقير سڏڻ عظيم گناهہ آهي. اهڙي بدڪار کي پينو ۽ گداگر سڏجي تہ بهتر ٿيندو.

حضرت ابراهيم بن ادهم رحمة الله عليه جي وقت ۾ هڪڙي فقير پنهنجي تنگ گذران بابت شڪايت ڪئي تہ حضرت ابراهيم بن ادهم رحمة الله عليه فرمايس تہ: "شايد توهان فقيري مفت ورتي آهي". "فقير وراڻيو تہ: فقيري ڪا پئسن سان بہ وٺبي آهي ڇا"؟ حضرت ابراهيم بن ادهم رحمة الله عليه فرمايس تہ: "هائو! اسان فقيري ڳولي ۽ تونگري پيش ڪئي سون، بين تونگري ڳولي ۽ فقيري نہ لڌي.

حضرت اويس قرني  جو قول آهي فقير جو پاڻي ڪوهہ ۾، ماني غيب ۾ هوندي آهي. فقير جو نہ دنيا وطن آهي، نہ عقبيٰ جاءِ آهي.

## حضرت بشر حافي رحمة الله عليه جو قول آهي تہ فقير ٽن قِسمن جا آهن:

1. هڪڙا اُهي جيڪي اصل سوال نہ ڪندا آهن، جيڪو ڪجهہ ٻيو ڏيندو اٿن

سو بہ نہ وٺندا آهن، اهي آهن روحاني فقير. اهي جو ڪجهہ رب العالمين کان گهرندا آهن، سو انهن کي ڏيندو آهي. انهن جي دعا يا انهن جو سوال هميشہ قبول پوندو آهي.

2. ٻيا اُهي جيڪي پاڻ سوال نہ ڪندا آهن پر جيڪڏهن ڪو ڏيندو اٿن تہ وٺندا آهن. اهي آهن توڪلي ۽ وچين درجي جا.

3. ٽيان اُهي آهن جيڪي صبر ڪري ويهندا آهن ۽ پنهنجي مستيءَ ۾ گم هوندا آهن ۽ دم دم ۾ الله تعاليٰ جي يادگيري رکندا آهن. ڏيڻ، وٺڻ، ڪائڻ، پيئڻ طرف ڏيان نہ هوندو اٿن.

حضرت جنيد بغدادي رحمة الله عليه جو قول آهي تہ جڏهن ڪو فقير ڪنهن حاڪم يا بادشاهہ وٽ وڃي تہ پڪ ڄاڻ اهو چور آهي. جيڪڏهن وري ڪنهن دنيا دار وٽ وڃي تہ پڪ ڄاڻ تہ اهو ٺڳ آهي. ڇو تہ جيڪڏهن فقير کي نعمت نہ آهي تہ همت آهي، جي دنيا نہ آهي تہ آخرت آهي.

## حضرت بوعلي سينا قلندر جو شعر آهي تہ:

زهد و تقويٰ چيست اي مرد و فقير،
لاطمع بودن ز سلطان و امير.

زهد ۽ پرهيزگاري ڇا آهي اي مرد فقير، لاطمع ٿيڻ بادشاهن ۽ اميرن کان.

حضرت خواجہ معين الدين چشتي اجميري رحمة الله عليه فرمائن ٿا تہ: فقير پاڻ کي فقيريءَ ۾ تونگر ڏيکاري، پنهنجي بُک ڪنهن جي اڳيان ظاهر نہ ڪري، ڏُک ۾ خوش ڏسڻ ۾ اچي ۽ الله جي مخلوق سان بُرائي جي بدلي نيڪي ڪري.

## حضور حبيب ڪريم عربي ڄام صلي الله عليه وسلم جن جو ارشاد آهي:

”اَلفَقرُ مِنّي وَ الفَقرُ فَخُرِي“

(فقيري مون مان آهي ۽ ان تي مون کي ناز آهي).

آقاءِ نامدار تاجدارِ مدينہ صلي الله عليه وسلم جن فرمايو هر شيءِ جي هڪ ڪنجي آهي ۽ جنت جي ڪُنجي فقيرن ۽ مسڪينن سان محبت ڪرڻ آهي ۽ انهن تي ڪو بہ گناهہ ناهي ڇو تہ هو قيامت جي ڏينهن الله تعاليٰ سان گڏ ويهڻ وارا آهن.

## پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم حضرت ابوذر غفاري کي فرمايو تہ:

اي ابوذر فقيرن جو کِلڻ عبادت آهي، انهن جي خوش طبعي تسبيح آهي ۽

انهن جو سمهڻ صدقو آهي. الله پاڪ انهن ڏانهن هر ڏينهن ۾ ٽي سؤ ڀيرا نگاهه فرمائي ٿو. جيڪو شخص فقيرن ڏانهن 70 ستر قدم ڪڻندو ته الله تعاليٰ هر قدم جي بدلي ان لاءِ 70 حج مقبول لکندو ۽ جيڪڏهن ڪو شخص انهن وٽ طعام کڻي وڃي گڏجي کائيندو ته هي ان لاءِ قيامت جي ڏينهن وليمو هوندو.

ڪائنات جي ڪارڻي ۽ يتيمن جي يار ﷺ فرمايو: قيامت جي ڏينهن الله تعاليٰ فقيرن ۽ مسڪينن کي گهرائي چوندو ته پنهنجا چهرا صاف ڪيو ۽ انهن کي سڃاڻي وٺو جن دنيا ۾ توهان کي ڪو گرهه کارايو هجي يا ڪجهه پيياريو هجي، يا ڪپڙو ڍڪايو هجي، يا توهانجو غم دور ڪيو هجي ته انهن کي جنت ۾ وٺي وڃو.

سرورِ ڪائنات ﷺ جن جو فرمانِ عالي شان آهي ته فقراءَ جي دوستي اختيار ڪريو ڇو ته انهن لاءِ الله وٽ دولت آهي، ائين نه ٿئي ته ان جي دولت سان محبت رکو. منهنجي آقا ﷺ جو وڏيڪ فرمان مبارڪ آهي ته فقيرن ۽ مسڪينن سان محبت ڪرڻ رسولن جي اخلاق مان آهي ۽ انهن سان گڏ ويهڻ متقين جي اخلاق مان آهي ۽ انهن کان ڀڄڻ منافقن جي نشاني آهي.

اُمت جي خاص الخاص خير خواهه نبي سهڻي ﷺ پنهنجي هڪ حديث ۾ ائينءَ به فرمايو آهي ته منهنجي اُمت جا فقير مالدارن کان اڌ ڏينهن اڳ ۾ جنت ۾ داخل ٿيندا ۽ اهو اڌ ڏينهن 500 پنج سؤ سالن جو ٿيندو.

## فقيري سراسر نياز آهي:

شروع ۾ ٽي پڙهي آياسين ته جهانن جي سردار حضور حبيب ڪريم ﷺ جن فرمايو ته فقيري مون مان آهي ۽ مون کي ان تي فخر آهي. معراج جي موقعي تي جڏهن الله ڪريم ڪين فرمايو ته اي حبيب! مان ته تنهنجو ٿي ويس، مگر تو منهنجي لاءِ ڪهڙو تحفو آندو آهي؟ اسان جي آقا ۽ سچي سردار عرض ڪيو ته يا ربّ العالمين، مون اهو تحفو آندو آهي، جيڪو تو جلال ه وٽ ناهي! الله ڪريم فرمايو اها ڪهڙي شيءِ آهي جيڪا مون ڪريم وٽ ناهي. پاڻ وڏي عجز ۽ ادب سان فرمايائون.

اي ربّ ذوالجلال! مون تنهنجي بارگاهه بي نياز ۾ پنهنجو ”نياز“ تحفو آندو آهي. اهائي ادا توکي پسند آهي ان تحفي پڄاڻان ربّ ڪريم ايترو ته راضي ٿيو جو پنهنجي حبيب کي ڪل ڪائنات جو مالڪ و مختيار ڪري ڇڏيائين، ايستائين جو خود پاڻ حبيب ڪريم ﷺ تي صلواتن جا نغما شروع ڪري

ڏنائين ۽ پنهنجي ملائڪن کي پاڻ انهيءَ ڊيوٽيءَ تي لڳائي ڇڏيائين ۽ پاڻ انسان ذات مان فقط مؤمنن کي ان شغل ۾ شامل ڪرڻ لاءِ چونڊيائين. مٿي فقير جي، جو ايڏي فضيلت بيان ٿي سا نصيب ٿئي ئي درِ مصطفيٰ مان ٿي ۽ در رحمت مصطفيٰ تڏهن کلندو جڏهن سندس دربار عاليہ ۾ لاتعداد درودوسلام جا تحفا پيش ٿيندا.

اهي بہ نهايت دل جي حضور، خلوص ۽ محبت سان جي اسان اهو ورد محبت ۽ سراپا ادب ۽ نياز نوڙت سان جاري رکون ۽ دَرِ اقدس تي مقبول ٿي پئون تہ ان فقيري مان ڪاوڙ ضرور ملي پوندي ۽ محبوبن جي محبت جو ذرو ملي پوندو ۽ پوءِ ٻئي جهان موچارا ٿي پوندا.

اي حق ۽ سچ جي راهہ جا طالبو! گهٽي خفي ۾ نہ پئو ڊگهين ۽ اڙانگن واٽن ۽ ورن وڪڙن ۾ وجي نہ ڦاسو ۽ پنهنجي عمر عزيز جا ڏينهڙا ڏوجهرن ۾ نہ وڃايو بس ڏينهن رات ۽ پل پل قيمتي ڄاڻي ڪائنات جي ڪارڻي، شفاعت ڪبريٰ جي مالڪ، حوض ڪوثر جي ساقي، ڪل ڪائنات جي خالق و مالڪ ربّ ذوالجلال والاڪرام جي زورپياري حبيب حضور ڪريم ﷺ جي ذات بابرڪات تي درود ۽ سلام پڙهڻ شروع ڪري ڏيو ۽ فقيري رنگ ۾ رنگجي وڃو.

## عُلَمَاء ۽ فُقَرَاَء:

علماء انهن کي چئجي ٿو جيڪي انبياء Γ جا وارث ۽ آثارِ محمدي علي صاحبها الصلواة والسلام جا تابع ۽ الله تعاليٰ جا امين هجن. مطلب عالم اهو ئي آهي، جيڪو علم جي اطاعت ڪري ۽ عام مان خاص ٿئي ۽ فاضل اهو آهي، جنهن جو فيض درياء وانگر عام هجي ۽ دانشور اهو آهي، جيڪو پنهنجي نفس جو محاسبو ڪري ۽ ان جو مدعي ٿيل رهي. هي ڪم عامل علماء ۽ ڪامل فقراء جو آهي.

## علم ٻہ قسم آهي:

هڪ رحماني، ٻيو شيطاني ۽ حب دنيا، حرص، هوس، حسد، بدعت ۽ ضلالت آهي.

## ارشاد نبوي ﷺ آهي:

”طَالِبٌ مُذَكَّرٌ“

(الله جي طلب ڪرڻ وارا (عالم) مرد آهن).

**ارشاد باري تعاليٰ:**

"وَالّذِينَ اُوتُوا العِلمَ دَرَجٰتٍ"

(جن ماڻهن کي (حق ۽ باطل، سچ ۽ ڪوڙ جي سڃاڻپ جو) علم ڏنو ويو انهن جا وڏا درجا آهن.)

عالم اهو آهي، جيڪو عامل هجي، عامل معنيٰ سڃاڻندڙ ۽ فرمانبردار. بنا عمل جي علم ائين آهي جيئن گڏهه تي آٽر.

**ارشاد نبوي ﷺ:**

"اَلعِلمُ نُكتَةٌ وَكَثرَتُهَا لِلعَمَلِ"

(علم ته هڪ نڪتو آهي (هڪ سڌي واٽ آهي جنهن سان هلي منزل تي پهچي وڃجي ٿو باقي علم جي ڪثرت عمل لاءِ آهي. (يعني علم جي ڪثرت هڪ دنيا، هڪ جهان ۽ جهنگ آهي، جنهن ۾ گهڙي ڪري ماڻهو پيو رستو ڳولي).

**ارشاد نبوي ﷺ آهي:**

"اَلعُلَمَاءَ وَرَثَةُ الاَنبِيَاءِ"

عالم انبياءِ ڪرام $\Gamma$ جي ورثي جا وارث آهن. ان ڪري عالم ان طريقي (واٽ، نڪتي) جي پيروي ڪن ۽ حرص، لالچ، حسد، وڏائي، غرور، رياء، فسق ۽ فجورجي جهنگ ۾ ڦاسڻ کان پري رهن.

**ارشاد نبوي آهي:**

"لولا الحسد في العلماء لصارو ابمنزلة الانبياءِ"

(اگر عالمن ۾ حسد (وارو مرض) نه هجي ته جيڪر اهي انبيائن جي منزل تي هجن)

حسد جو منڍ پاڙ دنيا جي لالچ آهي. ان ڪري علماء کي دنيا سان قطعي رغبت ۽ محبت نه هجڻ گهرجي، جيئن فقير دنيا کان لاتعلق هوندا آهن.

**عالم ۽ فقير ۾ فرق:**

جيڪو فقير آهي اهو عالم به آهي جيڪو عالم آهي اهو ولي آهي ۽ ولي هميشه واصل خدا هوندو آهي. پر هر عالم فقير نه هوندو آهي. عالم، طالب علم هوندو آهي ۽ فقير طالب المولىٰ، عالم جي نگاهه حرفن ۽ سٽن تي هوندي آهي ۽ فقير جي نظر معرفت ۽ حضور تي. عالم چوي ٿو ته فقه جا مسائل ياد ڪريو. فقير چوي ٿو:

"اُذكُرُو اللهَ ذِكراً كَثِيراً"

(الله تعاليٰ کي ڪثرت سان ياد ڪريو).

اڪر پڙهه الف جو ورق سڀ وسار،
اندر تون اجار، پنا پڙهندين ڪيترا.

(شاهہ لطيف)

فقير دنيا مافيها کان بيزار آهي. عالم چوي ٿو دنيا داري ۾ نيڪنامي آهي.

**ارشاد نبوي ﷺ آهي:**

”اَلدُّنيَا جِيّفَةٌ وَطَالِبُهَا كِلَابُ“

(دنيا ڍونڍ آهي، ان جا چاهيندڙ ڪُتا آهن. (کهڙو عقلمند پاڻ کي ڪتو ٿاهيندو).

**فرمان مبارڪ آهي:**

”الدنيا كنيفة الاٰدم“

(يعني دنيا ماڻهوءَ جو پاءِ خانو آهي)

ڪهڙو عقلمند ۽ هوشمند ڪاڪُوس ڪيسي ۾ ڪڻنـدو ۽ تِجوڙين ۾ لڪائي رکندو؟.

**دنيا ٽن فرقن ۾ ونڊيل آهي:**

- **هڪ اهل دنيا:** يعني دنيا جا طالبو يا دنيا وارا دنيادار انهن کي جنس جي اعتبار سان ڪدڙو (يعني نر نہ مادي) قرار ڏنـو ويـو آهي. اهـي رامٿيريـل يعنـي جهنـم جـو ٻارڻ آهن.
- **ٻيا اهل علم:** اهي جنت جي نعمتن ۽ هـار سينگار جـا طالـب آهـن. انهـن کـي عورتن ۾ شمار ڪيو ويو آهي.
- **ٽيان آهن اهل فقر:** اهي فقط پنهنجي مولي جا طلبگـار آهـن. ٻـي هـر ڪـالـذت ۽ نعمت ڇڏي وصال يار جي مهم ۾ محو آهن، انهن کي مرد قرار ڏنـو ويـو آهـي. مـرد هميشہ مهم ۾ رڌل هوندو آهي ۽ عورتون ۽ ٻار ڪدڙا سڀ پوئتي بـي ڪُتڪـا (دنيـا جي) گهرن ۾.
- **عالم چون ٿا:** خوب پڙهو ڏاهـا ٿيـو۽ بادشـاهن جـا مصـاحب ٿيـو حڪومـت جـا حصيدار ٿيو.
- **فقير چوي ٿو:** توڪل کي پنهنجو شعار ٺاهيو ۽ الله تعالي سان خوش رهو.
- عالم چون ٿا: علم صرف ۽ نحو پڙهو اهي عِلم اصول ۽ ڏاهپ وارا آهن.
- **فقير چوي ٿو:** علـم لـدني (معرفـت ربـي واري) جـو هـڪ حـرف پـڙهڻ بـہ ڪـافي آهي. ارشاد باري تعالي آهي:”وعلمنا من لدنا علما“ الله تعالي انهـن کـي پنهنجـي اسرار ۽ معرفت واري علم مان سيکاريو آهي.

عالم پنهنجي ڏاهپ ۽ دانشوريءَ ۽ شعور جا دنيا ۾ ڪِلا کوڙين ٿا، مگر فقير عاشق ۽ چريا آهن ۽ هر وقت حضور ۾ حاضر آهن.

## سهڻي لطيف فرمايو:

الا! ڏاهــي مَ ٿيــان، ڏاهيــون ڏک ڏســن،
پوريــون پُتارسـين، کليــو کيــر پيــئن،
مون سين مون پرين، پورائيءَ ۾ پال ڪيا.
(شاهہ لطيف)

عالمن کي پنهنجي علم تي ناز ۽ فخر هوندو آهي، هو پنهنجي علم جا ڏونڪا وڄائي دنيا ۾ مشهوري ماڻين ٿا ۽ پاڻ کي درگاهہ جو دادلو ۽ سچو ٻانهو پائنئين ٿا.

فقير پاڻ کي لڪائي هميشہ يار جي ذڪر ۽ فڪر ۾ مشغول رهي مسُتغرق ۽ محو رهن ٿا ۽ علم باطني حاصل ڪن ٿا ۽ ڊڄندا رهن ٿا. فخر ۽ وڏائي کان سهڻي لطيف فرمايو:

سگَ پسي سرهي نہ ٿي، متان هوت نہ پنهنجو ڪن،
دادليــون درگاهــہ تـــي، وينيــون رت روئـــن،
لڪــين لـــوڏائي چـــڏيون، ٻـــانهيون ٻـــاروچن،
اهي ڪيئن پرين پسن، زور جنين کي ذات جو.

فقيرن وٽ بظاهر ڪا ڌن دولت نہ هوندي آهي، مگر عالمن جو ملاحظو فرمائي سگهجي ٿو بي ثمر فقيرن جو حال ڏسي سهڻي لطيف سائين فرمايو.

ثمــر جنــين نــہ ســاڻ، هــوت حمــايتي تــن جــو،
ڪـــري چيــج چپــر ۾، پنهـــون ايـنــدو پـــاڻ،
ٽيندي ريجهہ رهاڻ، لحظي منجهہ لطيف چئي.

فقير خادم آهن، عالم مخدوم آهن، خادم مخدوم کان افضل هوندو آهي، عربي چام جو فرمان آهي: "سيد القوم خادمهم". قوم جو خادم ئي قوم جو سردار هوندو آهي.

عالم دنيا لاءِ جيئي ٿو فقير پاڻ ماري ابدي زندگي حاصل ڪري ٿو ارشاد گرامي آهي: مُوۡتُوۡا قِبۡلَ اَنۡ تَمُوۡتُوۡا.

**سهڻي لطيف فرمايو:**

مرڻا اڳي جي مئا، سي مري ٿين نـہ مات،
هونداسي حيات، جيئڻا اڳي جي جيا.

***

مـرڻ ۾ مُسلم جـن، واحـد تـن نـہ وسـري،
متـي سڳر ڪـاپڙي، نانگـا ننـڍ نـہ ڪـن،
نـــيڻ ســدائين تـــن، اوجـــاڳي اُجاريـــا.

***

مَري، جـيءُ نـہ ماڻيين، جانـب جـو جمـال،
ٿئيين هونـد حـلال، جـي پنـد اهـا پـاريين.

عـالم جـان سـان زنـده آهـي ۽ فقيـر دل سـان، عـالم الله تعـاليٰ کـي دلـين سـان سڃاڻن ٿا ۽ اهڃاڻن جو سهارو وٺن ٿا، مگر فقير الله تعـاليٰ کـي بنـا دليـل جـي بغيـر چون و چُرا جي سڃاڻن ٿا ۽ سدائين حضور ۾ حاضر رهن ٿا.

عالم صاحب مرقوم (لکيل تي نظر رکندڙ) هوندو آهي، فقير صاحب نظـر (الله تعاليٰ جي اسرارن تي نظر رکندڙ) هوندو آهي.

عالم بي اختيار هوندو آهي دليلن کانسواءِ، مگر فقير بنا دليلن جي با اختيـار هوندو آهي. عالم جا درجا بلاشڪ تمام وڏا آهن، مگر فقير چوي ٿو تہ عالم سلوڪ ۽ تصوف جي راهہ کان بي خبر آهي، عالم جي نظـر دنيـا ۽ ان جي لـذتن تـي آهـي، فقير جي نظر خوف ۽ عقبيٰ تي آهي.

عالم چوي ٿو تہ آخر ۾ جنت ڪهڙي نہ مسرت جي جاءِ آهي پـر فقيـر چـوي ٿـو تـہ الله تعاليٰ جي لقا ۽ محبوب جي ديدار کانسواءِ سڀ ڪجهہ فحش ۽ خواري آهـي. عـالم چوي ٿو فقير احمق ۽ ديوانو آهي، فقير چوي ٿو عالم الله تعاليٰ کان پري ۽ دنيا کـي ويجهـو آهي، عالم چون ٿا منطق ۽ حڪمت جو علم پڙهڻ ڀلو آهي. فقير چوي ٿو الله تعـاليٰ جـي ذڪر ۽ حمد و ثنا ۽ ان جي ياد کانسواءِ رهڻ زندگي ضايع ڪرڻ آهي.

عالمن وعظ ۽ نصيحت ڪري ڪتاب لکي انبار لڳايا، مگر ڪـنهن نصـيحت حاصل نـہ ڪئي. مگر فقير جي هڪڙي گفتي سان تقدير بدلجي وڃي ٿي.

**ارشاد گرامي آهي:**

"لِسَانُ الفُقَرَاءَ سَيفُ الرَّحمَان"

فقيرن جي زبان الله تعاليٰ جي تلوار آهي، جنهن دل کي چاهين، الله جي ذڪر سان حلال (ذبح)ڪري وجهن. (ذاڪر ڪري وجهن).

عالم جاڳندي عبادت ڪري ٿو مگر فقير جي ننڊ به عبادت آهي، ڇو ته سندس قلب جاڳندڙ ۽ زنده آهي.

**ارشاد نبويﷺ آهي:**

"اِنَّ عَينَايَ تَنَامَانِ وَلَايَنَامُ قَلْبِيْ"

(منهنجو اکيون ننڊ ڪن ٿيون ۽ دل جاڳندي رهي ٿي).

**نبي پاڪﷺ فرمايو:**

هر هڪ شيءِ جي صفائي آهي ۽ دل جي اجرائي الله تعاليٰ جي ذڪر سان آهي.

**سهڻي لطيف فرمايو:**

تن تسبيح، مَن مڻيون، دل دنبورو جن،
تندون جي طلب جون، وحدت سر وڄن،
وحده لاشريڪ لهٗ، اهو راڳ رڳن،
سي سُتائي سونهن، ننڊ عبادت ان جي.

مطلب ته فقيري، درد ۽ غم ۾ پريل رهڻ، رات ڏينهن خون جگر ساڙڻ، فقر فاقه ۽ بک ۾ رهڻ ۽ مصيبتن تي صبر ۽ شڪر ڪرڻ جو نالو آهي.

باقي گهر ۾ رهي عيش ۽ عشرت سان ننڊون ڪرڻ عمدا ڪاڏا حلوا، پلاءَ، زردا، شربت ۽ ميوا کائي ٿلها متارا ٿيڻ وارا فقير نه ٿا ٿي سگهن.

**ارشاد نبويﷺ آهي:**

"لِڪُلِ شَيءِ مِفتَاحُ وَ مِفتَاحُ الجَنة حُبُ الفُقَرَاءِ"

(يعني هر هڪ شيءِ جي ڪنجي ٿئي ٿي، جنت جي ڪنجي فقيرن جي محبت ۽ انسيت آهي).

عالم عبادت جي مزدوري ثواب طلبي حاصل ڪري ٿو. فقير الله تعاليٰ کان الله ئي طلبي ٿو يعني سندس لقا ۽ رضا جو خواهش مند آهي، عالم سٽن ۽ صفحن جو مطالعو ڪري ٿو ۽ فقير دل جو مطالعو ڪري ٿو ۽ رُخ محبوب پڙهي ٿو ۽ انوار تجليات جو مشاهدو ڪري ٿو. ان ڪري ان جو موت به حيات هوندو آهي.

### سهڻي شاهه لطيف فرمايو:

جن ڪي دور درد جو سبق سور پڙهن،
فڪر ڦرهي هٿ ۾، مات مطالعو ڪن،
پنو سو پڙهن، جنهن ۾ پسن پرينءَ کي.

***

جن وڃايو وجود، سي فاني ٿيا "في الله" ۾،
نہ تن قيام، نہ قعود ۾، نہ ڪو ڪن سجود،
جيلان ٿيا نابود، تيلان گڏيا بود کي.

***

فقير سخي آهي، سندن گودڙي مان سڀ ڪو پيو فيض وٺندو. عالم تنگ دل آهي. ٻئي نعرو هڻن ٿا: هل من مزيد. اڃان وڌيڪ ڪپي! عالم کي ظاهري علم ۽ دنيا. فقير کي لقا ۽ رضا.

عالِم جي دوستي عالم خلق ۽ علم سان، پر فقير جي دوستي الله تعاليٰ سان هوندي آهي. ارشاد باري تعاليٰ آهي: الله تعاليٰ جا دوست (فقير) مرن نہ ٿا بلڪ اهي هڪڙي گهر کان ٻئي گهر ڏانهن آندا وڃن ٿا. عالم پنهنجي حفاظت علم ۽ دولت سان ڪن ٿا، مگر فقير جي حفاظت خود خدا ڪري ٿو.

### حديث قدسي آهي:

"اِن اَولِياءَ تَحتَ قُبائي"

(منهنجا دوست منهنجي (رحمت جي) چادر هيٺان (حفاظت ۾) آهن).

عالِم جو موت عالَمَ جو موت سمجهيو وڃي ٿو مگر فقير جي موت لاءِ عربي چار فرمايو: الموت جسر يوصل الحبيب الي الحبيب. يعني فقير لاءِ موت هڪ پُل آهي. جنهن تان گذري حبيب پنهنجي حبيب سان اچي ملي ٿو.

### ارشاد باري تعاليٰ آهي:

"وَاللهُ يَخۡتَصُّ بِرَحۡمَتِهٖ مَنۡ يَّشَاءُ وَاللهُ ذُو الۡفَضۡلِ الۡعَظِيۡمِ"

(الله تعاليٰ جنهن کي، مرضي پويس پنهنجي رحمت سان خاص محبوب بنائي ٿو اهو ئي وڏو فضل ڪرڻ وارو آهي).

**شاهه عبداللطيف ڀٽائي گهوٽ رحمۃ اللہ علیہ سُر رامڪلي ۾ فقيرن بابت فرمايو ته:**

مُونا طُورسينا، سندا سناسين،
سجدي ۾ سيّد چئي، گوڏا گودڙين.
فَكَانَ كَابَ قَوسَينِ اَو اَدنىٰ، تا نانگا
ايئنءَ نِمن،
كُلُ مَن عَلَيَها فَانٍ باقي ڪين بچن،
اَللهُ وَلِيُ اَلّذِين اٰمَنُو يُخرِجُهم مِنَ
الظُلُمَاتِ اِلَي النَّورِ
تا اهڙي پَر پُرن،
خَرَ مُوسىٰ صَعِقاً جوڳي جُنگ جلن،
مَازَاغَ البَصَرُ وَمَا طَغىٰ اهڙي روش رون،
مشاهدو محبوب جو اتي آديسن،
ري پسڻ ري سڻڻ ري وصال وِهن،
ري پُرڻ ري ٻولڻ تا اهڙي چال چلن،
سيد چوي سندين، تون ڳلَ پڇين ٿو ڪهڙي؟

شاهه صاحب جن فرمائين ٿا ته سنياسي فقير جو مُراقبو طور سينا جبل تائين آهي. سيد فرمائي ٿو ته رِلي ڪڻندڙ جوڳي فقير جا گوڏا سدائين سجدي ۾ آهن. جيئن حضور صلی اللہ علیہ وسلم جن خدا کي ٻن ڪمانن جيترو ويجها ويا بلڪ ان کان وڌيڪ، تيئن نانگا فقير اهڙي نموني خدا کي ويجهو پهچن ٿا. جيڪي زمين تي آهن سي سڀ فنا ٿيڻ وارا آهن، باقي ڪجهه نه بچندو سواءِ ذات الله جي. الله تعاليٰ ايمان وارن جو دوست آهي ۽ انهن کي ڪڍي ٿو اونداهي مان، آڻي ٿو روشني ڏانهن. جوڳي فقير اهڙي رَوَشِ وٺن ٿا. جيئن حضرت مُوسيٰ $\Gamma$ طورسينا جبل تي بيهوش ٿي ڪري پيو تيئن جوڳي فقير اهڙي طرح جلن ٿا ۽ اُتي آديسي فقيرن جو مشاهدو آهي. سواءِ ڏسڻ جي، سواءِ ٻڌڻ جي ۽ سواءِ وصال جي وهن ٿا. سواءِ هلڻ جي ۽ سواءِ ٻولڻ جي، اهڙي طريقي سان هلن ٿا. شاهه صاحب جن فرمائين ٿا تون انهن فقيرن جي ڪهڙي خبر چار ٿو پڇين؟

مُونا طُورسينا، سندا سناسين،
طَالِبُ المَولىٰ مُذڪرٌ اي ڪلام
ڪيائون ڪن،
سِگڻ ڪي سَيين پَرين ٻجهي ڏنائون ٻَنّ،
الف آديسين، چوندي رکيو چِتَ ۾.

يعني: سنياسي فقيرن جو مراقبو طورسينا تائين آهي. الله تعاليٰ جا طالبو مذڪر آهن، اهو قول دل سان هنداياڻون. ڄاڻي ٻجهي ظاهري ڪي سيني نمونن يا طريقن سان ترڪ ڪيائون، انهن آديسين الله جو اکر پسند ڪري پنهنجي دل ۾ رکيو.

راهه شريعت هليا تَفَڪرٌ طرَيقوُنِ،
حال حقيقت رسيا معرفتون ماڳُونِ،
نا سوت، ملڪوت، جبروت اِنام لَڌُونِ،
پس لاهوت لنگهئُون هاهوتا مٿي هليا.

يعني: اُهي فقير شريعت جي رستي تي هليا ۽ سندن طريقو فڪر آهي، حقيقت کي وڃي رسيا. معرفت انهن جي جاءِ آهي. ناسوت (سلوڪ جي پهرين منزل مطابق شريعت) ملڪوت (ٻي منزل مطابق طريقت) جبروت (ٽئين منزل مطابق حقيقت) هاهوت (چوٿين منزل مطابق معرفت) اي انعام اُنهن لڌو آهي. پوءِ لاهوت لامڪان ڪان لنگهي هاهوت جي منزل ڪان مٿي هليا ويا.

ياد گُرو ڪن گودڙيا پر بازار بينا،
پڙهن سُور سُبحان جي پِين تَهه پِينا،
جيلاهه مُنهن مِينا، تيلاهه نشا نينهن جا.

***

قوت ڪڙايا ڪاپڙي طعام نه طامائو
سين هيائون سُج ۾ پهر نه پنيائو
اَوسر آسائو اُتي گوندر گڏيا.

معنيٰ: ڪاپڙي فقير جو قوت يعني کاڌو ڪڙائي آهي. هو طعام جا طمعدار نه آهن. سج ۾ سين هٽي ماٺهن ڪان ڪجهه نه گهريائون. ڏک جا طالبو تي ڏٺي تعاليٰ سان ملي ويا.

وچـــين ويـنــا رهـــن ســـانجهي رهـــن ســـمهي،
ٻُک مرنـدي ٻِکيا ڪنهن ڪـان ڪـين گهـرن،
پيٽ نـہ هيرايائون پنهنجا چـوري سـاڻ چشـن،
ڦڪـــي فقيـــرن، ماڳيـــا پنـــي مـــاٽ جـــي.

❋❋❋

ڪشي چيلهہ ڪشا، ڏيـل ڪيـائون ڏٻـرا،
لاهـوتي لطيـف چـوي تـن ڪـي ڏيئـي تسـا،
گـروجـي گسـا، پاسـي ڪـن نـہ پـاڻ ڪـي.

❋❋❋

طالب دعا

**عاجز رحمت الله لاشاري**

باني: سنڌ سُگهڙ لوڪ ادب تنظيم "سلات"

مرڪزي دفتر: سيدآباد ڄامشورو، سنڌ

0301-3566707, 0346-3685474

# پنهنجي پاران

الله سائين جا احسان جنهن مون نا چيز کي ذات ڏني ۽ هن سماج ۾ سر خرو ڪيو. رب پاڪ جا لک شڪرانہ ڪيان جيڪا طلب منهنجي هئي سا سهڻي پرور پاڪ پوري ڪئي. جيڪو منهنجو حال آهي سو مان پنهنجي پرين اڳيان پيش ڪريان ٿو. هيءَ ساري عنايت منهنجي منٺڙي مالڪ سائينءَ جي آهي. جنهن هن سهڻي سنڌ سون ورني زمين تي اعليٰ قدر انسان پيدا ڪيا جن مان اسان کي فاعدي جي منزل جا رستا پڻ کُلي ويا آهن. جو هن راهہ ۾ پانديئڙا بہ لعلون لهن ٿا. جن پنهنجي دل ۽ دماغ کان ڪم ورتي. حسين هيرن جي ماڳ تي پهچي ڪري پنهنجون خالي جهوليون پڻ ڀرن ٿا. اهو سڀ ڪم پيار محبت جوئي آهي. جڏهن جنهن کي الله عشق ڏئي ٿو. پوءِ ڪنهن جي بہ ذات تي ڏات ناهي.

منهنجا سهڻا سائين مان شاعريءَ جي شروعات 98_1997ع کان ڪئي. تڏهن علي مراد ٿهيم سگهڙ اسان جي شهر لعلورائنڪ ۾ رهندو هو. جنهن جي صحبت ۾ اچي ڪري سگهڙائپ جو فن شروع ڪيو استاد علي مراد ٿهيم مون کي نئوديرو ضلع لاڙڪاڻو وٺي ويو اتي رهندڙ استاد غلام قادر پٿو سان ملايو جنهن استاد غلام قادر پٿو کي چيو تہ عبدالخالق عرف مولا بخش شيديءَ کي توهان سگهڙائپ جو ڳانو ٻڌو ۽ پنهنجو شاگرد ڪيوس. 2000_01_01ع تي مون کي ڳانو ٻڌي ڪري مٺي تي شفقت جو هٿ ڦيرائي ڪري چيو تہ پٽ هاڻي تون سگهڙائپ جو فن جاري رک جو 2002_02_15 استاد غلام قادر پٿو کي سون ۽ چانديءَ ۽ هيرن سان جڙيل ڇهہ (6) تولا جو تاج علامہ فقير هدايت علي نجفي (تارڪ) هفت زبان شاعر عامل ڪامل اولياءُ جي درگاهہ تي پڻ تاج پوشي ڪئي وئي 2002_08_14 ۾ استاد غلام قادر جي دعائن ۽ شفقت سان ۽ استاد غلام قادر جي زيرنگراني ۾ سنڌ سگهڙ ادبي پلائي جماعت تعلقہ وارهہ جو صدر مقرر ڪيو ويو.

منهنجي پاڙيسري سگهڙ ارشاد عرضائي سان منهنجي پراڻي دوستي هئي جيڪو مون کي ڪافي عرصي کان چوندو رهيو تہ تون اسان جي تنظيم ۾ اچ جنهن جي صحبت ۾ مون سنڌ سگهڙ لوڪ ادب تنظيم "سلات" ۾ ميمبر شپ ڪئي جنهن بعد بانيءِ "سلات" عاجز رحمت الله لاشاري ۽ ارشاد عرضائي ۽ ٻين دوستن جي مهرباني سان تنظيم "سلات" جي پليٽ فارم تي ساڳيو ئي عهدو ڏئي

ڪري تعلقہ واره جو صدر مقرر ڪيو ويو. هن ناچيز تي قادر جا ڪروڙين قرب ۽ لک لائق آهن ۽ سنڌ سگهڙ لوڪ ادب تنظيم جي مرڪزي ۽ ضلعي سگهڙن ۽ عهديدارن جا هن ناچيز تي تمام گهڻا ٿورا آهن. منهنجي ايتري حيثيت نہ آهي جنهن ڪري مون کي ايتري عزت آبرو بخشي وجي مون کي جن دوستن ڪتاب شايع ڪرائڻ جا صلاح مشورا ڏنا جن مون سان ڪتاب جو سهڪار ڪيو آهي تن کي وسارڻ جوڳو عمل نہ آهي. جنهن ۾ باني چيئرمين سنڌ بلوچستان سگهڙ لوڪ ادب تنظيم "سلات" عاجز رحمت الله لاشاري صاحب جن تمام گهڻو ڪجهہ سمجهايو ۽ ڪجهہ هدايتون ڏنيون تہ ادا توهان پنهنجو ڪتاب شايع ڪرايو انهيءَ ۾ بهتري اٿو. پوءِ سائين جن جي هدايت کي مد نظر رکي ڪري ڪتاب جي تياري ڪيم جنهن ۾ "سلات" ضلعي شڪارپور جو صدر محمد عالم مهر جنهن مون سان پوريءَ طرح سهڪار ڪيو ۽ مون سان ٻانهہ ٻيلي ٿيو. جنهن کي مان فون ڪري چيو ادا محمد عالم مون ڪتاب ڇپائڻ جي تياري ڪئي آهي. توهان مهرباني ڪري پنهنجو قيمتي وقت ڪڍي ڪري مون سان ڪتاب کي سهيڙڻ لاءِ منهنجي مدد ڪيو جنهن فون تي ئي منهنجي گذارش قبول ڪئي. پنهنجي ڳوٺ وزير آباد تعلقہ لکي غلام شاهہ کان مون ناچيز ڏانهن روانو ٿيو. جو شام ڏاري مون وٽ اچي پهتو پوءِ مواد ڪٺي هڪ بوڪ کان ٻئي بوڪ تي لکيوسين ان جا مان ڪيترا ڳڻ ڳڻي ڪيترا ڳڻيا. مون نالائق سان ڪلهو ڪلهي ۾ ڏئي ڪري هن ڪتاب کي ڪتابي صورت تائين آندو اٿائين. شايد تہ ايترا ٿورا مون مٿان ڪو پنهنجو بہ نہ ڪري سگهي جيترا هن جا مون تي آهن. سندس کي الله سائين خضري حياتي ڏيندو ۽ ڏکڙن کان ڏور ڪندو. وڏيڪ وڙ تہ عاجز سائين ڪيا جنهن ڪتاب کي سهيڙي، سموهي، پروف پڙهي، ترتيب ڏئي ڇپرائڻ جي قابل بڻايو.

الله پاڪ شال سچي سنڌ ۾ سلات جي باني جهڙا لوڪ ادب جو درد ۽ سگهڙن لاءِ جاکوڙڻ جو فڪر رکندڙ حريصَ پيدا ڪري جيڪي هن وِک کي اڃا بہ اڳتي وڌائن. (آمين يا رب العالمين).

**سگهڙ عبدالخالق عرف مولا بخش شيدي**

شهر لالو رائنڪ

تعلقو وارهہ ضلعو قمبرشهدادڪوٽ، سنڌ

# حمد و ثنا

اول ساراهہ ان جي ڪر جنهن سائينءَ وِڏو ساهہ،
رحم ڪرم سان رازق رسائي ٿو گندن کي گِراهہ.
سو ڪُلِ شيءِ تي قوي قادر اتم آهي الله،
جو بگڙيل ڪم بڻائي بيشڪ آ هربيواهي واهہ.
تنهن دلبر جي دَر جي آهي راحِمَ ڏسي راهہ،
اٿئي سهڻي هيءَ صلاح منهنجي بہ "مولابخش" چئي.

سدا ساراهہ سائينءَ جي ڪر جو داتا آهي ديان،
ڏيئر پُٽَ ڌن دولت ڏيندو آهي مالڪ مهربان،
هٿ پير، اکيون ۽ عضوا ڏئي آ الله ڪيو احسان،
واجب آهي هر وُجود کي حمد لکڻ حنان،
"شيدي" ڪر شڪران، مادح ٿي "مولابخش" چئي.

اول ساراهِ ستار تون صاحب رب سبحان،
جنهن عربي ڏئي اسان کي آهي آگي ڪيو احسان،
ان صدقي آدم کان عيسيٰ تائين جوڙيو هيءُ جهان،
ماڻهو ملائڪ، جِنَ، جانور ۽ سارو هيءُ سامان،
سڀ وَصَفُون ان سائينءَ جون ٿو فرمائي فُرقان،
الحمد کان وَالناس تائين ڪٿان بہ پڙهہ قرآن،
هر مصحف ۾ موجود آهي حمد لکيل حنان،
"شيدي" ڪر شڪران، تون مالڪ جو "مولابخش" چئي.

اول ساراهيون تنهن سائينءَ جون جنهن جوڙيو جڳ جهان،
خاص خلقي موڪليو اُنَ عربي ڪري احسان،
نازل جنهن نرمل تي ڪيو قادر پاڪ قرآن،
تنهن جو مصحف ۾ موڪليو مولا شايع ڪري شان،
ٻئي سرائون سيد کي ڏنيون خود راضي ٿي رحمان،
هادي هدايت آ حضور هر دم ٿو فرمائي فرقان،
اطيع الله واطيع الرسول رک ادا تون ايمان،
سدا ساري سبحان، پيو شڪران ڪر "شيدي" چوي.

اول آخر ظاهر باطن آهي بلڪل ذات باري،
ٻيا سڀ اسم اٿس ٻاجهه ڀريا هڪ گرڙو نام ٿهاري،
انهيءَ منهنجي "مولابخش" چئي آهي جان ڳٽتي ڳاري،
نيڪ عمل ڪو نظر اچي نٿو جي پرور ڳالهه پچاري،
هي سڄي عمر اسان آهي گناهن منجهه گذاري،
ميٺيندو محبوب محابي سزا ايندڙ ساري،
سوئي صدقي سيد جي سائين ڪندو ستاري،
ناهي پت مون ڪا پاري، ٿو شرم ماري "شيدي" چئي.

-0-

# مصطفيٰ ﷺ جي مَدَح

ساري جڳ ۾ عربي سائين، اُتم تنهنجو شان آ،
وڏو اعليٰ افضل ڳيڙو، خدا تنهنجو مان آ.

وڻ ٽڻ ٻوٽا پکي ۽ ماڻهو توتي صلواة پڙهن ٿا،
حورون ملائڪ جن ۽ پريون تنهنجي اِطاعت ڪن ٿا،
تنهنجي شان جو شاهد خود، خدا جو قرآن آ.

ڏينهن ۽ رات خدا پاڪ کي بيني عرض ڪيائون،
منٺو محمد صه آڻ اسان ۾، چاهه منجهان چيائون،
خدا پاڪ ڏينهن رات تي، ڪيو احسان آ.

تنهنجي ڪري هيءَ ساري خدائي جانب جڙي آهي،
”مولابخش“ يي شان تنهنجي ۾، شعر پيو ٿو ناهي،
”شيدي“ چوي تنهنجو ٿورائتو هي سارو جهان آ.

-0-

# مَـدَح مصطفيٰ ﷺ

منهنجـــا مرســـل مــــديني وارا،
ســـاري دنيـــا جـــا ســـائين ســـهارا.

دل چـــوي تـــي ڏســـان مــــدينو،
پريل سڪ سان آهي منهنجو سينو،
دل جـــي دانهـــن ســـڻو دلـــدارا.

ڪـر ڪـو پيـارا پنهنجـو ڪـرم،
چمان اچي چپن ساڻ تنهنجو حرم،
جتـــي ديـــوتي ڏيـــن مَلَـــڪَ پيـــارا.

حــب تنهنجـــيءَ ۾ جيئنـــدو آهيـــان،
ڪـري يـاد مرسـل روئنـدو آهيـان،
پيــا نيـــڻن منجهـــان وَهـــن نـــارا.

”شـــيديءَ “تـــي ڪـــر نُـــور نظـــارو،
”مـولابخش“ ڪـي ڏيڪـار گُنبـذ پيـارو،
جتـــي لهنـــدا مَلَـــڪَ هِـــن موچـــارا.

-0-

# مَدَح مصطفيٰ ﷺ

جوڙي جوڙ جهان جي هيءَ آهي ذرڙو ڏٺي
پرينءَ جي پيار جي حاڪم هام هڻي،
ٻئي سرائون سيد ڪي ڏنائين خان ڪي ڪٺي،
ڪلمي واري ڪريم ڪي وئي ڳالهه وٺي،
پورل خاطر ٻڌي، آهي شاهي شفقت "شيدي" چئي.

اميد آهي عربيءَ ۾ اسان جي واهر ڪندو وير،
پُلصراط واري پتڻ ڪان پار ڪرائيندو پير،
ڳُلني سان ڪني هوندو محب منهنجو منير،
ڪري ضمانت ضعيفن جون ڪندون پيارڻندو ڪير،
اهڙو ڏيندو اعليٰ ڪم اڪسير، جو لهندا مونجهارا "مولابخش" چئي.

-0-

# سينگار

ڪاريهر وڏ ڪارن تي پوئنر بہ ڪن پٽڪار،
عجب سونهن عجيب جي سهٽا سڀ سينگار،
پورل جي پِروَن ۾ آهي عجب وڏو اسرار،
نيڻ نشيلا نرمل جا آهن نُور پريا نروار،
چانڊوڪي وچي چنڊ جي، جي مُرڪ ڪري منٺار،
عينن ۾ عجيب جي، آهي جوڙ وڏو جنسار،
لب لعل گلابي لعلڻ جا ها گلڙن وڏ گلزار،
ڏندان مبارڪ دلبر سان چا لڳي چيهہ سندي چمڪار،
ٻولي ٻڏي ٻهڳڻ جي ڪوئل چڏي ڪوڪار،
ڪندو پرين پيڙا پار، محشر ۾ "مولابخش" چئي.

آئين عربي نہ هيئي ڪمي ڪا سينگار ڪان،
سَرَوَ قد تنهنجو حُسُن تڪو تلوارَ ڪان،
خاص ڪوٽين بس ڪئي تو دادلي دلدار ڪان،
ڪارا ڪيس ڪاريهرن ڏسي ور هنيان وار ڪان،
عين نين عجيب آهن جڙيل وڏ جنسار ڪان،
مُنهن وڏ مهتاب ڪان ۽ سونهن وڏ گل و گلزار ڪان،
خوبي خوب ملي هميشہ پالڻ هار جي پار ڪان،
حوران حيران ٿيون اتي ائين دلبر تنهنجي ديدار ڪان،
عربي منهنجو عرض اگهايو پارس ڪيم پڪار ڪان،
ملندي معافي "مولابخش" محب مني منٺار ڪان،
قربائتي قربدار ڪان ٿيندي شفا "شيدي" چوي.

–0–

# سينگار

اچڻ ساڻ احمد ڪي هئا سوين ٿيل سينگار،
کھڙي ڪري کھڙي ڪريان ساراهہ مان سردار،
روءِ زمين روشن ٿي هئي آمد ساڻ انوار،
بخش امت باري ڪيائين اچڻ ساڻ اظهار،
سينگار منهنجي سائينءَ ڪي، هُئا ڪرايا ڪلتار،
"مازَاغَ البَصر"جو سُرمون پائي پاڻ مُکو پالڻهار،
سو سر سجدي ساجن ڪري آيو مالڪ در منتار،
وضحيٰ چهرو واحدَ چئِي آهي ساراهيو ستار،
منهن مقابل محبوب جي، ناهي مٿ چوڏهينءَ چنڊ چمڪار،
چا لکي"شيدي" سگهندو تنهن جي عينن جا اسرار،
لال گلابي لبڙن کان گهٽ آهي گلڙن جي گلزار،
وڌ ساري کان سنسار، آهي محب "مولابخش" چئي.

–0–

# سينگار

وهه واهه حسن تنهن جو حبيب آهي آگي ڪيو اظهار
والضحيٰ چهرو واحد آهي تنهن جو سينگاريو ستار
چوڏهين جي چنڊ ڪان وڏ تنهنجي چهري ۾ چمڪار
جي هٽائين پردو حسن تان ته مارين اُدگر اڪيچار
ڪاريهر به ڪنڌ نوائي بيٺا ڏسن گيسو گُهنڊي دار
لب مقابل لعلڻ تنهنجي ناهي گلڙن جي گلزار
ڪوڪ ڪوئل جي ڪٿي، ڪٿي گوهر تنهنجي گفتار
پسيني پاڪ پرين تنهنجي مچائي هر هنڌ آ هبڪار
اجان سنواري وار ساجن جي سهڻل ڪرين سينگار
ته زلفن جي زيب جو نه واسينگ سهن وار
۽ روءِ زمين روشن ٿئي جڏهن مرڪ ڪن منٺار
سوئي آقا اڙين آڌار ٿيندو محشر ڏينهن "مولابخش" چئي.

–0–

# سينگار

اڇڻ ساڻ عربيءَ کي هُئا سوين ٽيل سينگار عجب،
ڪلي خوشبو گل ڦل ۾، ۽ هر هنڌ ٽي هبڪار عجب،
ڪارا ڪيس ڪاريهر ڪان، ۽ واسينگ وڏ وار عجب،
پروون پسي پورل جا، پئي بدر ٽيو بهار عجب،
عينن ۾ اسرارُ الاهي،هو ناز پرئي جي نروار عجب،
نوري نڪ نرمل جو، وچ روء سونهين رخسار عجب،
لب لال گلابن ڪان وڏ ها، شان پرئي جا شاندار عجب،
منهن مبارڪ مهتاب پسي، پيو جهڪي ڪري جهلڪار عجب،
انسان عاشق عربيءَ تي، جن ديوَ پريون ڏار عجب،
سوين سهڻا سلامي ساجن در،هت حسينن ڪاڏي هار عجب،
عربيءَ خاطر احسان ڪري، رب لاٿا اڙين جا آزار عجب،
لٿي دل دلبر ڪيو ديوانو، ڄام وڄائي ڄار عجب،
”مولابخش“ ان جي آهي اصل ڪان اسان کي آڌار عجب،
اهو پورل ڪڻندو بار عجب، شهيدن محابي ”شيدي“ چئي.

تون سڄڻ تون سهڻو تنهنجو جت ڪٿ آهي جمال،
ملڻو ناهي”مولابخش“ چئي ڪٿي تنهنجو محب مثال،
پرونِ سان برابر ٿيندو همسر ناهي هلال،
چنڊ اڪيلو عرش تي توکي ڏنو آجوڙو ذوالجلال،
تنهنجي تعريف ڪرڻ جي مونکي ناهي مجال،
بس پورل ڪر پال، شهيدن محابي ”شيدي“ چوي.

تون سچڻ تون سهڻو تنهنجو حسن لاجواب،
تنهنجو جلوو پسي جهڪو ٿيو سورج سندو تاب،
جي اک ڪڻين اپ تي تہ ڪِري اڏو اڏ ٿي آفتاب،
جي سرنگ نہ هجيس ها سامهون تہ تجلو نہ سهي ها تاب،
اهو اوڍر هو عربيءَ لاءِ يا هو حور لاءِ حجاب،
آ ثنا ڳائڻ ثواب تنهن محب جي "مولابخش" چئي.

تون سچڻ تون سهڻو تنهنجو ڪائنات تي آڪرم،
شان لکڻ ڪان "شيدي" چوي هي قاصر آهي قلم،
مَس، درياءَ، زمين، ڪاغذ ڪجن بہ لکي نہ سگهبو نظم،
آهي اجان شان اتم، منهنجي محب جو "مولابخش" چئي.

-0-

# مَدَح نامون

ٿيو هي جهان تولئہ خدا جو قسم خدارا،
تڏهن ڪائنات جا ڪل نروار ٿيا هي نظارا.

مَلڪَ فَلڪَ ڪيا الله پيدا ۽ عرش عظيم،
حورون پريون غلمان هزارين مُڪا هادي پاڻ حليم،
تُنهنجي ڪري تونگر هي ڪيا آهن قرب ڪريم،
ٿئين ڇورن لاءِ شفادار تون دلبر دلارا،
ٿيو هي جهان تولئہ خدا جو قسم خدارا.

تنهنجي درجو دربان جبرائيل جوان ٿيو
ڪل ڪتابن ۾ پورل تنهنجو بيان ٿيو
توريت، زبور، انجيل، ڪلمون ۽ قرآن ٿيو
لک لائق لعلڻ ڪري اچي ٿئين اڙين آڌارا،
ٿيو هي جهان تولاءِ خدا جو قسم خدارا.

سوا لک ڪان سائين تنهنجو مٿانهون مان ٿيو
سدرة المنتهيٰ ڪان مٿي تنهنجو مٿا مڪان ٿيو
افضل اعليٰ الاهي تنهنجو شهنشاهي شان ٿيو
منجهيل مون پارن ڪي آهن سائين تنهنجا سهارا،
ٿيوهي جهان تولئہ خدا جو قسم خدارا.

جِتي جاءِ ناهي جوڏن جي اُتي جُتيءَ جي ٿي جاءِ،
لاٿئي پئي لعلڻ تہ اتي پالڻهار چيئي تہ پاءِ،
عرش ڪي عزت ڏي اها رازق جي هُئي راءِ،
سوا لک انبياءَ ڪان ڪيئي قادر قرب قرارا،
ٿيو هي جهان تولئہ خدا جو قسم خدارا.

سـواءِ سـڄڻ تنهنجـي بربـاديون هجـن هـا،
زمـين و زمـن نـہ وري هتـي آبـاديون هجـن هـا،
نہ هي جوڙجڪ جڳ جي نہ نڪاح شاديون هجن ها،
تنهنجـي ڪـري سـڀ ٺيـا هـي سـج چنـڊ سـتارا،
ٺيـو هـي جهـان تولئـہ خـدا جـو قسـم خـدارا.

چـڏي شـڪ "شيدي" سـڀ گـوهر جـي گفتـار ڪيـو
مالڪ جي محبوب جي سڀ پرينءَ جي پرچار ڪيو
ثنـا سـيد سـچي جـي، عمـر يڪـي سـڀ يـار ڪيـو
پـوءِ ڪنـدا پـنج ٻـارنهن اچـي ٻاجهـہ پـلارا،
ٺيـو هـي جهـان تولئـہ خـدا جـو قسـم خـدارا.

-0-

# مناقبو مولا علي رضي الله عنهم

آيــو گھــر علــي Γ پنهنجــي ٿيــو مــولا جــو ڪعبــو مڪـــان آ،
بــرادر آهــي رسـول جـو بيشـڪ علـي Γ اچـڻ سـان ملهـايو ميـدان آ.

هيـون اڪيـون بنـد عجيـب جـون، جئين مُـک پسـان محبـوب جـو
سـلام پـڏي سـچڻ جــو اتــي شـاهِ مــردان ڪيـو شـڪران آ.

دُل دُل ۽ ذوالفقــار مــوڪلي مـولا ڏي هــي فرمــايو مصــطفيٰ ﷺ،
حقـــدار آهـــي اهـــو جـــو ڪنـــدو خـــتم پـــورو قـــرآن آ.

تـــون ۽ مـــان جـــي چـــوڻ ســـاڻ وجـــنس پرســـڙي پيـــا،
جبرائيـــل کـــي ســـبق ڏئـــي ڪرايـــو پـــاس امتحـــان آ،

هـــر جنـــگ جـــو فـــاتح مشـــڪل ڪشـــا علـــي آ،
اســـلام جـــو حـــامي وناصـــر ۽ قاتـــل ڪفـــران آ،

مـــولا علـــي Γ جـــو شـــان ڇـــا "شـــيدي" ڪـــري بيـــان،
اڙيـــن اپـــوجهن جـــو آڌارِ "مـــولابخش" تـــي مهربـــان آ.

–0–

# مناقبو مولا علي

ولادت سان ٿي بيت الله ٿيو آ مڪان عليءَ Γجو.
ٻڌايان مان ڇا ڇا اوهان کي بيان عليءَ Γجو.

الله جي گهر پاڪ ۾ عبادت ڪندي ڪندي،
راهہِ خدا ۾ خير ڏيڻ آهي شان عليءَ Γجو.

رُستمي داستان جهڙا سوين درسائين سلامي،
مَٽُ مُلڪَ ۾ نہ آهي ڪوئي پهلوان عليءَ Γجو.

خيبر جي جنگ ويلي ڪيئن مرحب جي گُرز سان،
مانگر کي ماري موري تي ڏس احسان عليءَ Γ جو.

مان ميان ٿو تہ حاتم سخي ۽ عثمان غني هو
پر سخا ۾ مٽ نہ ٿيندو ڪوئي سلطان عليءَ Γجو.

قاتل تي ڪرم ڪيڏو آ مشڪل ڪشا ڪيو.
شربت پياريوان کي آ فرمان عليءَ Γجو.

آمد روانگي مولا جي تي رب پاڪ جي گهر ۾،
پوءِ ڇونہ چوان الله آ ميزبان عليءَ Γجو.

گرتاج شاهي ڇو نہ هجي ڪنهن کي اي "شيدي"،
تنهن کان بہ مٿي "مولابخش" آ دربان عليءَ Γجو.

-0-

# مناقبو مولا علي

ڪن ڏئي قصو ٻڌو هي شان علي آ،
الله جي گهر پاڪ ۾ ٿيو مهمان علي آ.

اول ته فاطمه بِنت اسد جي ٿي هيءَ رهي حالت،
تعظيم ڪري پئي تنهن جي جڏهن آيو ٿي سردار رسالت،
پڇا تي چيائين مون ڪي اهو فرمان علي آ.

ڪعبي ۾ تولد ٿيو جڏهن دلدار نبيءَ جو،
اکيون بند ڪري، ڪري پيو انتظار نبيءَ جو،
ٻُت ڪِينَ ڏِسبا اِهوئي اعلانُ علي آ.

سجاٽپ لاءِ سائينءَ ڏي جڏهن آيو ابوجهل ڪٽي اجگر،
اڏو اڏ ڪري ان ڪي هوهڪ دم چِڏيو حيدر،
ٻچپن ڪان غالب عدوء تي ذيشان علي آ.

نه شجاعت ۾ سچڙ جي نه ڪو سخا ۾ ثاني،
هر طرح حامي حيدر سان آ هادي حقاني،
تڏهن ٿيو مدگار مرسل جوءِ قاتلِ ڪفران علي آ.

"مولابخش" مولا عليءَ جو ثنا خوان ٻه آهي،
پريءَ محفل ۾ پورل جو ڪندو بيان ٻه آهي،
شهنشاهه "شيدي" چئي، مڙني تي مهربان علي آ.

–0–

# مولا علي "مناجات"

اي مــولا علــي ٻــڌ منهنجــي ســدا،
ڪــر ڏکــڙا ڏور تُــون شــيرِ خـــدا.

تــون وليــئن جــو پــرين آهــين والــي،
منهنجــي جهـولي ڇـڏ نـہ تـون خـالي،
توهان مِڙني جا هن ٻول ٻُڌا، اي مولا علي Γ ٻڌ منهنجي سدا.

منهنجو سهڻا سائين سلطان بـہ تـون،
منهنجــو اربــيلا آن ايمــان بــہ تــون،
مان تنهنجي دَرَ جو گولو گدا، اي مولا علي Γ ٻڌ منهنجي سدا.

ساري جڳ ۾ تـو تـوکي چاهيـان مـان،
تنهنجــو شــان مــولا تــو ڳايــان مــان،
تون ناهين اسان کان جاني جُدا، اي مولا علي Γ ٻڌ منهنجي سدا.

"مولابخش" آهي سهڻا سام تنهنجي،
لڙ لڳو هي "شـيدي" آ غـلام تنهنجـي،
هيءَ منهنجي اگهايو نماڻي نِدا، اي مولا علي Γ ٻڌ منهنجي سدا.

-0-

# مناقبو شانِ اِمام حسين

بيشڪ سيد آهين صابر صبر وارو
تو حسين هنيو حق جو نعرو
تنهنجو اصغر، اڪبر، هيو سائين سهارو
غازيءَ جو گوهر آهين، تون پرين پيارو.
ٽيو يزيد منڪر جو آهي منهن ڪارو
ٽئين ڪربلا ۾ ڪامل سڄڻ تون سوپارو.
دين خاطر دلبر ڪيو، تو قربان ساٿ سارو
نبي پاڪَ جي نُور جو، تون آن سهڻا ستارو.
"مولابخش" ڪي ڪر عجيب اشارو
شهيدن صدقي "شيدي" کي ڏيڪار محب منارو.

–0–

# پٽائيءَ کي پيٽا

تو پٽائي تي پورل، گل و گلستان ڏٺم،
وحدت واري وائيءَ جو ڪامل قرآن ڏٺم،
رهَبَر رسالن ۾، تنهنجا فرمايل فرمان ڏٺم،
صدين جا سهڻا تنهنجا، دستاويز ٿيل داستان ڏٺم،
هيرا موتي سجايل، سونهن پريا سلطان ڏٺم،
منافقن جا توتي ورندڙ ايهي ايمان ڏٺم،
مِڙني تي مُرشد تنهنجا لکين لائق احسان ڏٺم،
سائلن کي تو وٽ ملندڙ سُکن جا سامان ڏٺم،
"مولابخش" جا تو در پورا سمورا ارمان ڏٺم،
ڪولي دري خان ڏٺم شفا ملندي"شيدي" چوي.

سهڻا لطيف تو جيجل جو جيءُ جياريو،
هِند، سنڌ ۾ تنهنجو نرمل آهي نعرو،
پنجتن پاڪ جو آهين پيارو،
غريبن اميرن جو تون سهڻا سائين سهارو،
سنڌ سهڻيءَ ۾ آهين ستارن ۾ ستارو،
ملڪ ۾ مشهور آهي تنهنجو نوري نظارو،
تنهنجي در آيا دلبر لتن من جو مونجهارو،
"مولابخش" جو مڙني کان ڪيئي پاڳ پيارو،
پائي ڳچيءَ ڳل ڳارو سگهڙ آيو صحن تي.

–0–

# سچل ڪي سلامي (بيت)

درازن ۾ دلبـــــر تـــــو هنيـــــو نرمــــــل آ نعــــــرو
بيشـــــڪ ســــچ ســـچل ســـچڻ تنهنجــــو ســــارو
رنـــگ بـــ رنگـــي درازن ۾ ڏٺـــو ســـي نـــوري نظـــارو
هـــــر دم هـــــر جـــاءِ هـــو هـــو هـــو جـــو هونگــــارو
”مـــــولابخش“ بيشـــــڪ پـــــاڳ تـــــي پـــــلارو
پـــائي ڳچـــيءَ ۾ ڳـــارو ســـگهڙ آيـــو تـــي صـــحن تـــي.

-0-

# سائين مهتاب علي شاھ جي شان ۾ "منقبت"

مهتـــاب شــاھ ڪــر ڪــا نگاھـــ،
ڪـــول اســـان جـــي تـــون ڪـــا واھـــ.

پـــاڻ ڪجــانءِ ڪـــو پنهنجـــو ڪـــرم،
منهنجـــو رڪجـــانءِ پـــورل پـــرم،
ڪـــول اســـان جـــي تـــون ڪـــا واھـــ.

هيڻـــو منهنجـــو حـــال آهـــي،
تـــوڪي منهنجـــو ســـوال آهـــي،
ڪـــول اســـان جـــي تـــون ڪـــا واھـــ.

"شـــيدي" پيـــو ٿـــو تـــوڪي پڪـــاري،
مٺا "مولابخش" ڪي ڇڏ نـه وارث وساري،
ڪـــول اســـان جـــي تـــون ڪـــا واھـــ.

–0–

# ٽيهہ اکري

ا: الـــف احمـــد ڄـــام ڪـــي صـــبح ســـانجهيءَ ســـار،
“اَلنَّبِـــيُّ اَولـــى بِـــالمُؤمِنِينَ” ڏي نظـــر ڪـــري نهـــار،
پـــرين ســـمجهڻ پـــري هـــي بلڪـــل آ بيڪـــار،
مان پنهنجي مار، تـہ آ مـن ۾ محب “مـولابخش” چئـي.

ب: بـــي بڪـــواس بچـــڙي نـــہ ادا ڪـــر اختيـــار،
ڪجهـہ تـہ ڳـالهيون ڪـريم جـون ويهـي يـار ويچـار،
تڪليـف اچـي تـوکي ٿـو سـک وجـي سـرڪار،
روئي زارئون زار، تون مالـڪ ميـاءِ “مـولابخش” چئـي.

ت: تـــي تنهنجـــي عمـــر ســـاري آهـــي نـــہ تـــہ عـــذاب،
سـواءِ سـاجن جـي سِـڱَ، جَـي ڪيئـي خيـال خـراب،
“وَلَـواَنَّهُم اِذْظَلَّمُـوْآ اَنْفُسَـهُمْ جَـائُوڪَ” آ خـالق ڪيـو
خطـــــــــــــــــــــــــــــاب،
اهو نرمل نـواب، لاهينـدو مشـڪل “مـولابخش” چئـي.

ث: ثي ثواب گناهـ جي ڳالهـ نـہ ڪر شل راٺو ٿئي راضـي،
عمـــر ســـاريءَ جـــي عبـــادت جـــي تـــوري تـــارازي،
تہ هڪ احسـان بـدلي ان جي ملڪيت وجي ماضـي،
اتي ڪاوڙيل قاضي، محب ميائينـدو “مولابخش” چئـي.

ج: جـيم جهـان سـڄي تـي آهـي عربـيءَ جـو احسـان،
ڪـــارڻي لـــولاڪ ڪـــري آ قـــادر ڏنـــو قـــرآن،
نـہ تـہ ڪيـر ڏسـي هـا ڪمـزورن کـي نفعـو ۽ نقصـان،
آ فکر لاٿو فرقـان، مسـڪينن جـو “مـولابخش” چئـي.

ح: حـــي حبيـــب ڪبريـــا چيـــائين مرســـل آ مهربـــان،
رئــوف رحــيم رب ســڏي آهــي بــاريءَ پــڌايو بيــان،
”وما ارسلنٰک الا رحمة للعـالمين“ ٿو فرمـائي فرقـان،
ان جـو هـر انسـان، آ سـدا مـادح ”مـولابخش“ چئـي.

خ: خـي خـوف خـدا جـو ڪـر بنـدا بيهـودي بـڪ نـہ بـڪ،
آهي ”نَورُ عليٰ نورُ“ محمد ٿـو چـا لاءِ ڪـرين شَـڪ،
”قـدجاَءَ ڪُـم مِـن الله نـورُ“ تـون ورائــي ڏس ورق،
هي سالڪاڻو سبق، مون ڪان سک ”مـولابخش“ چئـي.

د: دال ديـــرو دلبـــر جـــو ادا انـــدر تـــنهن جـــي آهـــي،
جــاچي ڏس جانــب ڪــي هيئــين ســاڻ هنــدائي،
”النبـي اولـى بـل مـؤمنين“ چـڏيئي سـائين سڻائي،
هي هٿان وقت وڃائي تون منانہ چڏ ”مولابخش“ چئـي.

ذ: ذال ذڪـــر ذوق ســـان ڪـــر تـــون ضـــعيفن ضـــمان،
صَـلِ عَلـيٰ جـو سـيني ۾ سـدا سـانڍي رک سـامان،
تـــہ ملـــي وينـــدئي محـــب وٽـــان دردن جـــو درمـــان،
اهڙي پر احسان، ٿيندئي محشر ۾ بہ ”مولابخش“ چئي.

ر: ري رياضـت ريـاء جـي چـڏ ڪـر صـاف سـچڻ سـينو
آڪڙ وڏائي چڏ ”شيدي“ چوي ڪـيدي قلب مـان ڪينـو
الفـــت رک انـــدر ۾ تـــہ ٿينـــدئي مـــن مـــدينو
باقي بي عقل بي دينو مورُ نہ بچنـدو ”مـولابخش“ چئـي.

ز: زي زيارت ظاهري جن ماڻي محبوبن،
سي صحابي صحبتي ادا آهن عجيبن،
ادخل الجنت الاالحبيب ڪيو ڪوني قريبن،
هي نيڪي نصيبن آ ملندي ”مولابخش“ چئي.

س: سين سچا سردار سان ها ابابڪرؓ وعمرؓ،
سين سچا سردار سان ها عثمانؓ وحيدرؓ،
سين سچا سردار سان ها شبيرؓ وشَبَرؓ،
سين سچا سردار سان سگدر مڙئي ”مولابخش“ چئي.

ش: شين شافي شهنشاهه محب آهي محشر جو
شفيع المذنبين آهي والي آب ڪوثر جو
ڏسُ ڏنو ڏاتر آهي ڏِسُ ڳالھ پڙهي قادر جو
گھورائو گھر گھر جو مور نه ٿي ”مولابخش“ چئي.

ص: صاد صحبت ڪر سراسر سيدِ ثقلين سان،
درود پڙهي داور ڏسيو جيئن نبِي الحَرَمَين سان،
۽ عزت ملي افلاڪ کي نرمل جي نعلين سان،
ائين محب هر مسڪين سان، ڪندو ماڙ ”مولابخش“ چئي.

ض: ضاد ضعيفن ضمان، ذمي آ سارو هي سنسار،
انهن تي عنايت جو آ احمدصہ کي اختيار،
آدم کان عيسيٰ تائين هوندا سڀ بندن کان بيزار،
اتي بخشائيندو بدڪار، مڙئي ”مولابخش“ چئي.

ط: طُئي طلب طاهر واري چئه پرور پڄائي،
جيئري واڳون جانب ڏي شل واحد ورائي،
ملاقات مدنيءَ سان مونکي قسمت ڪرائي،
مولا ملائي، مونسان محب ”مولابخش“ چئي.

ظ: ظُئــي ظــاهر بــاطن وارن جــو آ عربــي پــاڪ امــام،
خلقــي خــالق ڪـيس حــوالي قــادر ڪــل ڪمــام،
ســوا لـڪ انبيـاءَ ڪيـو سـڄڻ جي سيرت ڪـي سـلام،
ان آقـا جـو احتـرام، آ مڙنـي فـرض "مـولابخش" چئـي.

ع: عـــين عربـــي ڄـــام جـــو تـــون ادا مـــڃ احســـان،
جـنهن جانـب ڪـري جڳ تـي راضـي آهـي رحمـان،
هــڪ گناهــ عيــوض اڳ هــو خــتم ٿينــدو خانــدان،
ڏس نظر ڪري نادان، ڇا مِهر تـي ٿئـي"مـولابخش"چئـي.

غ: غــين غلامــيءَ جــي دعــويٰ ڇــڏ تــون گولــو تــي گــذار،
هــل حڪــم حبيــب جــي تــي جــو سـٽايو آ ســرڪار،
نقــش قــدم نــورُ عَلــيٰ جــو ادا تــون ڪــر اختيــار،
تہ پرور ٻيڙا پار، ڪندئي محبوب محابي"مـولابخش"چئـي.

ف: فــي فــدا فقيــر چئــي ڪــر تــون تــن مــن تاجــدار تــان،
اڙيــن اپــوجهن جــو ســهارو آ تــنهن ســڃي ســردار تــان،
پــيءُ مــاءُ قربــان ڪجــن ڪــل ان ننگــي ننگــدار تــان،
دل گهرئي دلدار تان، مِـٿَ بــ قربــان "مـولابخش" چئـي.

ق: قــاف قــادر هــٿ قلــم آ هــر ٻــانهيءَ جــي ٻــار جــو
جي حساب هادي ڪـري ڪنهن بي عمل بـدڪـار جــو
ڪــو نــ بچــي ڪــو سـگهي هــا ڏمــر ڏســي ڏاتــار جــو
پر ٿيو قرب قربدار جـو مڙنـي متـان "مـولابخش" چئـي.

ڪ: ڪاف ڪريم جي ڪري آ راضي رب ستار،
جو ولسوف جو واعدو ڪيائين عربيءَ سان اقرار،
تڏهن شڪليون نہ ٿو مٿائي ڏسي ڏوهہ ڏاتار،
ڪجهہ ويهي ڪر ويچار، مدنيءَ جو "مولابخش" چئي.

ل: لام لطف لعلڻ جا، جُملي هن جهان تي،
جاچي ڏس جڳ جڙيو آ عربيءَ جي احسان تي،
"لولاڪ لما اظهرتُ الربوبيت" فڪر ڪر فرمان
تي،
ساڻ جي اميد سلطان تي، رک محشر ۾ "مولابخش" چئي.

م: ميم محبوب خدا جو آ مان مٿي مولا ڪيو
عرشِ اعظم تي ويو ڪو ڳوٺ ٻڏي ڳولا ڪيو
يا چنڊ چيري ڪو ڏيکاري گڏ ٿيهہ ٻٽيهہ تولا ڪيو
نہ پيلا ٻوٽ پولا ڪيو محبوب سان"مولابخش"چئي.

ن: نون نازل نرمل نبيءَ تي آ قادر ڪيو قرآن،
سو "قَدجَآءَ ڪُمُ مِّنَ اللهِ نُورُ" ٿو فرمائي فرقان،
۽ "سِرا جاً منيـرًا آهي فهميدي لاءِ فرمان،
تون بہ ادا رک ايمان، تہ ملندئي ماڻ"مولابخش"چئي.

و: واو واحد آ وڏايو ڏس مصطفيٰ جي مان کي،
يس ۽ مزمل چا لکن شاهِ امم جي شان کي،
پوءِ طاقت ڪهڙي تنهن جي لکڻ بندي وس بيان کي،
حوران ملائڪ غلمان کي، آ ڪهڙي مجال "مولابخش" چئي.

هـ: هـي هـدايت ٻڌجـي آيـو حضـرت پـاڪ حضـور،
جـڳ سـاري کـي جانـب پـڏايو داور جـو دسـتور،
نقـشِ قـدم نـور نبـيءَ جـي آ مالـڪ جـو منشـور،
سو پورل پرپـور، موجان ڪرائينـدو"مـولابخش"چئـي.

ء: الـف السـتي راز الاهـيءَ جـو محـب آهـي مختيـار،
ٿيـو ٿينـدو جـو پتـو پـرينءَ کـي ڏنـو آهـي ڏاتـار،
ءِ لڪـل راز رهبـر کـي ڏنـا غيـب جـا ڪـل غفـار،
انهيءَ جي آڌار، ٿو هلي هـي ملـڪ "مـولابخش" چئـي.

ي: يـي يتـيمن يـار جـو آهـي اڄ يـي ادا احسـان،
ڪيئن ڪيان عذاب انهن تي ٿـو چوي قادر منجهہ قـرآن،
تـون جـو آهـين عربـي اتـي احمـد انهـيءَ آسـتان،
مَندن کي بہ مان، چيو مالڪ ڏيندس "مولابخش"چئـي.

-0-

# ڀاڪي جا بيت

بي قدر ۽ بي عقل کان پڇجي ٿي بيزار،
تون محبت ڪندين مورک سان هو ترت ڪندو تڪرار،
اڳلي جي احسان جو نه وائڙو ڪندو ويچار،
ڪندين "شيدي" ڇا شمار مذڪور تنهن جو "مولابخش" چئي.

بي قدر ۽ بي عقل جون ٻڌ ڳالهيون يار ٻه ٽي،
مورک ڇا ڄاڻي ماڻڪ کي جو وجهي هٿ هٽي،
ماکيءَ کي ٻه ملائيندو هو وجي وهءَ وٽي،
پٽيو نه ايندو پٽي، محبت سان "مولابخش" چئي.

بي قدر ۽ بي عقل هي تول هڪ ئي تل،
قدر ڪندو قدردان آهي عقل جي هو هل،
جنهن عقل ناهي انسان کي سو جهلبو نه ڪنهن جهل،
جي چڱائي چويس ته چڙي پوندو ڳهلو آهي ڳل،
منهنجي راءِ ٿي "مولابخش" چئي ته پاڻ تنهن کان پل،
متان گهوڙا گهل، ڪرين شڪي ٿي "شيدي" چئي.

–0–

# عاقل ۽ بي عقل

عاقل ۽ بي عقل اٿئي ههڙي ريت حساب،
عاقل پنهنجي عقل آڌر ڪندو کولي خطاب،
بي عقل بڇڙو اتي ڏيندو جوڙي يار جواب،
عقل نہ ايندو اوڳي کي توڙي پڙهن ڪنڊ ڪتاب،
تون ڏينس محبت "مولابخش" چئي هو ڪندو شور شتاب،
رڍ اڳيان رباب ڇيڙ نہ ويهي "شيدي" چوي.

ڇيڙڻ ويهي "شيدي" چوي ڪنهن سان دوست حال دلي،
منهن جا منڙا اندر جا ڪارا ڪيئي ماڻهون ويندئي ملي،
پڙهي اڻ پڙهي ڪري هو ڪسڪي ويندئي کلي،
جنهن ڪنڊ آهي ڪِلي، تنهن سان مل نہ "مولابخش" چئي.

سَري نہ جن ريءَ ساءِ، سي سامهين هجن سڄڻ،
ويهي گڏ ورنهہ ڪن وڏ مٺا ماکيءَ مکڻ،
ڏيان ڪين ڏسڻ، ڪنهن ماڻهو کي "مولابخش" چئي.

سري نہ جن ريءَ ساءِ، سي پرين نہ ٿين پري،
اهڙو قرب الله شال قادر ڪنهن سان ڪري،
جيئن مرڪي "مولابخش" چئي پاڪر وجهن پري،
تہ ذڪر ذري ذري، ڪيان شڪراني جو "شيدي" چوي.

سري نہ جن ريءَ ساءِ، تن سان رسجي کھڙيءَ ريت،
هو جهيڙن تون جهڪو ٿي ڪر حال حقيقت هيءَ تہ،
توڪٿيو بہ مون ڪٿيو، آهي جانب منهنجي جيت،
پرين ساڻ پريت، ڪر شان ساري "شيدي" چوي.

سري نہ جن ريءَ ساءِ، تن جو خود ئي رک تون خيال،
هو ڪاوڙجن ڪنهن ڳالھ تي تہ تون هيٺو ڪر حال،
متان پَوَئي لاپرواهي مان وڃي جيءَ جنجال،
ڳٽي اها ڳالھ تون محب ميجاءِ "مولابخش" چئي.

–0–

# من محتاجيون جن سان

من محتا جيون جن سان تن سان سينو نہ ساهجي،
سلو صحبت وارو اتي رياضت ڪري راهجي،
وڏي جڏهن وڏو ٿئي تہ پوءِ ونڊجي ۽ ورهائجي،
ٿاهہ اهڙو ٺاهجي، جيئن ملي مان"مولابخش" چئي.

من محتا جيون جن سان، تن سان آڪڙ ڪرنہ ادا،
اهو فرمان فرمايو آهي نبيءَ نُورُ الهديٰ
فرمانِ رسول آهي سمجھ فرمانِ خدا،
جنهن عمل ڪيو ان تي اهو سڪيو هوندو سدا،
باقي غفلت وارا گندا، ماڻهو هوندا "مولابخش" چئي.

من محتا جيون جن سان تن ڪان پل نہ ٽجي پري،
محبت ونڊڻ "مولابخش" چئي اچجي ڪشالا ڪري،
يا گهرائي ڪين گهر پنهنجي پائجن پاڪر پري،
يا تہ ذڪر ذري ذري، ڪر شوق مان تن جو"شيدي" چئي.

-0-

# گفتي/ نصيحت جا بيت

گــذر غريبــي گــُڻُ ڀلــو آ، تــون ڀُرجهــي ڪــڻ ڀيــر،
ڪــوري ڪــس قلــب مــان، ادا مڙئــي ڪــڍ ميــر،
نــوائي پنهنجــي نفــس کــي، ســڌو وتــائج ســير،
لآاِلہ جــي لڙهــہ لڳــي نــہ گــود ويهــار ڪــو غيــر،
الا الله جــي الفــت ۾ هيئــون پنهنجــو هيــر،
ٻيــو عشــق عربــيءَ جــو ڀلــو اٿئــي ڀيــر،
واعــدو ولســوف جــو ڏس، هئــو ڪــرڻ وارو ڪيــر،
سوا محبت محب جي، ”شيدي“ ڇا جو آهين شير،
هتي سڌائين ٿو سير، ماسو بہ ناهين ”مولابخش“ چئي.

گــذر غريبــي گــُڻُ ڀلــو آ، تــون تڪــڙ ڇــڏ تمــام،
ٽُنــدي تڪبــر هــٿ وڏائــي، ڪــر هســتي هــوڏ حــرام،
”اِنَّ اللهَ مَــعَ الصّٰــبِرِينَ“ جــو تــون ادا ٻــڌِ احــرام،
تہ سدا تــوکي سلام، ڪندا ماڻهو”مولابخش“ چئي.

–0–

# نصيحت جا بيت

متي آهين متي ٿيندين، آ هتي تنهنجو ماڳ،
ننڊ غفلت ندوريءَ مان، سُتا ٿيءُ سُجاڳ،
نواءِ نفس نا فرمان کي، ته ڳائي رنداني راڳ،
پوءِ پائو متي ماڳ، ملندئي مان"مولابخش" چئي.

متي آهين متي ٿيندين، آخر متي تنهنجو گهر،
بي بقا تي بانور ڪري، ڪافي ڪيون ٿي ڪر،
حملا ڪري هيٺن تي، اٿئي تپائي چڏيو تر،
ڪن ڪان هٿ ڪس هيله ڪيئي، ڪن جون پڳون لاٿئي پر،
چڏ پاسو شيطان جو ڪجهه واحد ڏانهه به ور،
ڪجهه ڏاتر ڪان به ڏر، ته ملندئي مان "مولابخش" چئي.

متي آهين متي ٿيندين آهي متي تنهن جو مڪان
ڪني قطري مان قادر توکي، افضل ڪيو انسان،
احسن صورت ڏئي عربيءَ خاطر، آ هتي ڏنو مان،
"شيدي" ڪر شڪران، مالڪ جو "مولابخش" چئي.

–0–

# آھين قيمت سندو قطرو

آھين قيمت سندو قطرو تہ ڪر ڪو قيمتي ڪم،
ويھي سار واحد ڪي جو آ اعليٰ ذات اتم،
ڏوھارين تي پيي ڏاتر ڏِس، ٿو قادر ڪري ڪرم،
تون منهن سچائي ماٺھن تي نہ گندا ٿيءُ گرم،
"اَلانسان سِرِي وَاَنا سِرُه" ھي پائورڪ پرم،
ڪر ادا پڪو اسم، مالڪ جو "مولابخش" چئي،

آھين قيمت سندو قطرو، پر ڳالَ نہ لَڌئي ڪائي،
غفلت ۾ عمر ساري، اٿئي ويھي يار وڃائي،
امر آھي الله جو تہ، ڪر ٻُرن سان ڀلائي،
تہ سائين ڪندئي سٺائي، مشڪل ۾ "مولابخش" چئي،

آھين قميت سندو قطرو، رڳو پنھنجو سڃاڻج پاڻ،
"ونحن اقرب من حبل الوريد" اھو ڄاڻي چِڏ تون ڄاڻ،
"الانسان سري وانا سره" تون اھو ادا سمجھہ اھڃاڻ،
ھي ملڪ جو مانداڻ، آ محبت خاطر "مولابخش" چئي.

-0-

# جهڙي ڪرڻي، تهڙي پرڻي

جهڙي ڪرڻي تهڙي پرڻي، ٻڌو نتي چا ٻوڙا،
ڏاڍائيءَ جا ڏيهه ۾، گهمائين پيو گهوڙا،
ڪاڍي ويئي قريب تنهنجا، پڙ ڏاڏا پوڙها،
اهي ڪول نہ غلط ڪوڙا شرارت وارا "شيدي" چوي.

جهڙي ڪرڻي تهڙي پرڻي، تو جائي چوي جهان،
چڱائيءَ جو چڱو بدلو آهي داتا ڏيندو دان،
برائيءَ وارو بيشڪ آهي، نسورو نادان،
چو تہ ازل کان انهيءَ سان، شامل آهي شيطان،
ڀلائي جي ڀرنہ ونندو ڪڍهن "مولابخش" مروان،
باقي شاڪر ڪندو شڪران، شفقت ڏسي "شيدي" چئي.

جهڙي ڪرڻي تهڙي پرڻي، هي ڏاهن جو آهي ڏَس،
چڱائي لاءِ چيو خدا تئي، تون چڱو رک چس،
اهڙي ريت ادا توکي، ڪانہ لڳندي ڪس،
"فَمَن يَّعْمَلْ مِثقَالَ ذرةٍ خَيرًا يَّره" گڙي وٺ گس،
پنهنجي اندر پس، ادا مطلب اهو "مولابخش" چئي.

–0–

# جي پائين پلو ٿئي

جي پائين پلو پنهنجو ته ڪر پلائي پاءُ،
هر و پر و هيٺن تي، تون خار نه ادا ڪاءُ،
چڱائيءَ جو چارئي پهر، ڪر ويري سان ورتاءُ،
متان مڻ سمجهين "مولابخش" چئي، اڃان پورو ناهي پاءُ.
هيڻائينءَ جو هرويلي ڪر انسانن سان اپاءُ،
ته نانگا تنهنجو نانءُ، لکبو شريفن ۾ "شيدي" چئي.

جي پائين پلو ٿئي ته، ڇڏ پُٽَن ڪمن جي پر،
ويهي پنهنجي وجود ۾، تون سائين سائين ڪر،
ناحق نافرمان جي، نه ويريءَ جي ڪر تون ور،
الله سان الفت رکي، اچ دوست ڏٺيءَ جي در،
آيا تيهه نه تار، ڪر پوري پنجن سان پيو پر،
ته سدائين توکي سر، ڪندو مالڪ "مولابخش" چئي.

جي پائين پلو ٿئي، ته ڪڍ ڪُڌا ڪردار،
مولا جي مخلوق کي، ادا ڏي نه آزار،
فخر فوقيت هٿ وڏائي، ڏکي ڪر ڏار،
ته ساٿي رب ستار ٿيندئي مشڪل ۾ "مولابخش" چئي.

-0-

# ڏاهپ پريا ڏَسَ

اوطاق ويجهي انهن جي، جيڪي ادا ڪن عزت،
عزت ڏين آئي وئي کي، قلبئن ڪيئي ڪلفت،
ڪلفت ڪينو غرور گنوائي، سچي ڪن صحبت،
صحبت سدا سالڪ تا، متي ونڊن محبت،
محبت ملوڪن جي، آهي هر وقت هدايت،
هدايت سان عنايت، ڪندو مولا، "مولابخش" چئي.

اوطاق ويجهي انهن جي، جيڪي سجڻ پيا سارين،
اٿي عَلَي الفجر جو نڪريو پيا گهٽن تي گهارين،
ڪيڏانهن اچي ڪو قرباڻتو چئي نڪريو نهارين،
ڪليو ڪيڪارين، موڪلائيندي "مولابخش" چئي.

اوطاق ويجهي انهن جي، جيڪي گهڙي گهڙي پيا ٽين گهور،
تعظيمون ڏئي ترسائي، پيا اورين ويهي اور،
ملي ويجهي "مولابخش" چئي، ڪٿي مانجهي اهي مور،
نه ڪجانءِ چپ چور، تن سان شان ساري "شيدي" چوي.

-0-

# مُئي پڇاڙا ميت جي

مُئـي پڇاڙــا مَيَـتَ جــي، تــو ســامهون اچـي ســوال،
چاڪنـدا ملائـڪ مَيَتَ سـان، ڪـو ادا ڏسـي احـوال،
ملــيس شــفا "شــيدي" چئــي، يــا زبردســت زوال،
وڏو جــيءُ جنجــال، آ انهــيءَ مــام "مــولابخش" چئــي.

مُئـي پڇاڙــا مَيَـتَ جــي، ڪنــدا مِٺــيءَ حــوالي مــاءُ،
مــوتي مِــٺَ مٺــان نـــ لهنــدس، ڪــوئي سيڻ ســماءُ،
الائــي ڪھــڙو انــڌيريءَ ۾، ٿــيس انهــي لــوءِ لقــاءُ،
مئي پٺيـان "مـولابخش" چئي،مرنـدو نـاهي پيڻ پـاءُ،
نڪــي قبــر ڪــولي ڳــل لهنــدس، وري ڪــو ويــاءُ،
چــا مليــو فــيض فقيــر ڪــي، ڪــو ادا ان هنــڌاءُ،
عملــن آڌر ان ســـان، ٿينـــدو آهـــي اتـــي اپـــاءُ،
بــاري ڪنـدو بچـاءُ، شهنشـاھ خـاطر "شـيدي" چـوي.

-0-

# جنهن جو عشق الله سان

جنهن جو عشق الله سان، ازلئون آهي ادا،
"لاَخَوفُ عَلَيهِم" سي، بلڪل آهن بندا،
اوڪي سوڪيءَ ۾ انهن ڏي، آهي ڪندو خير خدا،
اطاعت جو انهن جي، امر ڏنو نبيءَ نور الهديٰ،
جنهن شر پٺيان شيطان جي، جوڙي جاءِ جدا،
ڪيريندس ڪنڌ ڀر، تنهن ڪي اهي ڪمَ ڪُڏا،
نفس جا نهوڙي جنهن، ڪيا فقير ڪم فدا،
تنهن سان سائي سدا، آ مالڪ "مولابخش" چئي.

دُنيا ۾ دوستو آهي جنهن جو عشق احمد ڄام سان،
تنهن جو نروار نام ادا آهي اسلام سان،
تانگهه تنهن جي تن ۾، هوندي صلوة و سلام سان،
اهو نرمل جي نام سان، مشهور هوندو "مولابخش" چئي.

–0–

# چانهه ۽ لسيءَ جو مناظرو

اول ساراهه سائين جي، جو آ صاحب رب ستار،
پوءِ مير مڪي جي واليءَ جي، جو آ اڙين جو آڌار،
عربي صدقي انسانن جي تو لهي سار سنڀار،
ڪري قرب ڪلتار، تو شرم رکي "شيدي" چوي.

شرم رکي "شيدي" چوي، آ جوڙي جوڙ جبار،
مالڪ جي ملڪ ۾، آهي ڇهچٽو چوڌار،
چوبول هيو چانهه جو ۽ لسي ڏم ڏار،
بيهي وچ بازار، هي مذڪور ٻڌم "مولابخش" چئي.

**چانهه:** مذڪور ٻڌم "مولابخش" چئي چيس چانهه چسڪيدار،
تہ لسي لڙ ڇڏي ڏي، نہ گندي ڪر گفتار،
مون سان تہ ماڻهن جا، ڏاڍا پڪا آهن پيار،
تون هوٽل تي هڪ وار، اچي چڪ ڏس "شيدي" چئي.

**لسي:** اچي چڪ ڏس "شيدي" چوي پوءِ انڌي ڪندينءَ اعتبار،
ڇا محبت آهي ماڻهن ۾ پوءِ ٻڌو هجي يا ٻار،
لسي پي لٽ تي پوءِ تا ڇوڙن ڏڙ ڏنار،
پوياڙيءَ جو بہ پيار ڪندا شهزادا آهن، "شيدي"چوي.

**چانهه:** ڪندا شهزادا آهن "شيدي" چئي پر پرديسي بہ پيار،
هوٽلن تي تہ هر دم آهن انهن ڪي اختيار،
ٻهہ ونن ٻاڙ خاطر يا چڱا ونن ڪي چار،

تون تہ بنائين بيمار، ٿي شام وارن کي "شيدي"چئي.

**لسي:** شام وارن کي "شيدي" چوي هيءَ نصيحت هجي نروار،
اندر ڳاري عوام جو تو انڌي ڪيو آهي آزار،
نہ نر ڇڏين نوجوانن کي ۽ ڪرين شگر بي شمار،
تنهنجو هاڻي تڪرار نٿو مون سان ڇوري ٿهي "شيدي" چئي.

**چانهہ:** نٿو ڇوري ٿهي "شيدي" چوي تنهن جو مونسان هٽڻ مٿو
ڪي هير جي اچن هيڪل تہ ڪي جوان ڪري جٿو
مون سواءِ مردن کي اج نانءِ اچي ئي نٿو
تون ڪٺي ويڙهائين ڪٿو ٿي محبت وارن کي "مولابخش"چئي.

**لسي:** محبت وارن کي "مولابخش" چئي تو ڪري وڌو آ ڪاري،
نہ تہ ڪير ڦاسي ها ڪني توسان پئجي ان پساري،
احسان مڃ ابي جو جنهن جي لڳي آهين لاري،
نہ تہ موچڙن سان ماري موڳي وجهانءِ ها "مولابخش"چئي.

**چانهہ:** موچڙن سان ماري وجهنديءَ پوڳڙن ۾ پيڻ،
هڪ ابو آهي اسان جو ۽ ادي ساڳيا آهن سيڻ،
ليلائي لسيءَ کي روئي نير وهائي نيڻ،
وسار ادي ويڻ تہ محبت ڪريون "مولابخش" چئي.

-0-

## حالَ جي حقيقت

لڪــي ٻــڌايان لــوڪ ڪــي اشــعار کهــڙا ڪهــڙا.
مــاڻهن مچايــا ملــڪ ۾ ڏس آزار کهــڙا ڪهــڙا.
تــوري ڳالهــ تــي وڏي وجــن تــا تڪــرار کهــڙا ڪهــڙا.
پــوليس جــا ٻــڌايان مــان پرڪــار کهــڙا ڪهــڙا.
بــي ڏوهــ ڪــي بــ ڏيــن تــا ســتڪار کهــڙا ڪهــڙا.
ڌاڙيلــن ســان تــ گفتــا اٿــن ڌار کهــڙا ڪهــڙا.
پُــنگن تــي هِــري پيــا ڏس پوتــار کهــڙا ڪهــڙا.
واپــڊا جــا ويــل ڪيــان مــان شــمار کهــڙا ڪهــڙا.
بلــب وارن تــي بــل وڌو ايســيءَ وارا آزاد زميــندار کهــڙا ڪهــڙا.
هــاريءَ تــي ڪڙڪــي پــون تــا ڪمــدار کهــڙا ڪهــڙا.
ڊاڪتــرن ڪــي دولــت جــا آهــن خمــار کهــڙا ڪهــڙا.
مــرض ۾ مــرن تــا ٻــيدا ءِ ٻــار کهــڙا ڪهــڙا.
کهــڙي مــرض ۾ مبــتلا آهــن بيمــار کهــڙا ڪهــڙا.
تڪليــف ۾ تڙپــي تــين تــا بيــڊ تــي بيــزار کهــڙا ڪهــڙا.
خيــال ڪيســي ڏي هونــدن تــ ڏيــن تــا هــزار کهــڙا ڪهــڙا.
پويان ڪين ٻار کهڙا ڪهڙا، اسان کي ملي دولت ”مولابخش“ چئي.

-0-

# آجيان جا بيت

ڀلي آئين ڀلا ڀرين، منهنجا محب مٺا منير،
تنهنجي اچڻ جي اربيلا هُئي اندر منجهه اُڪير،
جڏهن ڀرين آئيو پير ڪڍي، ته ٿيو ساهه سڌير،
اڄ ڪيو قُربُ قدير، جو چَني آئيو "شيدي" چوي.

ڀلي آئيو ڀلا ڀرين. اڄ ڪري وڏ وريام،
تنهنجي اچڻ جي عجيب هئي طلب تمام،
اڳ نڪريو نهاريان نرمل ڀيو تنهنجو نازڪ ڪٽي نام،
هاڻي اڪين آرام، مُحب اچي ويو "مولابخش" چئي.

ڀلي آئين ڀلا ڀرين، اڱڻ منهنجي عجيبَ،
تو آئي دک دُور ٿيا، ٿيا نرالا نصيبَ،
ڪٿي آؤن گنهگار گدلو، ڪٿي تنهنجو مان مُجيبَ،
ڪيئن ڪري قريب، ڪيئي شفقت "شيندي" چوي.

ڀلا ڀاڳ ڀائيان، جو ڪيئي اربيلا احسان،
دل ۾ دلبر هئا، دردن جا داستان،
سڪايل جا سهڻا تو ڪيا ڀرين پورا ارمان،
لٿا مونجهارا من جا، ٿيا "شيدي" شاهي شان،
اچي ٿيا مور مهمان، مون وٽ "مولابخش" چوي.

پــــلا پــــا ڳ پائيــــان، آيــــا مــــون وٽ ســــهڻا پـــرين،
لاڪيڏـــي لات ٻـــولي پيـــو پيـــار منجهـــان پـــرين،
اهـــڙا قـــرب قربائتـــا مـــين اتـــي ڪامـــل ڪـــرين،
محـــب ”مـــولابخش“ مئڪنـــي ايـــوين پيـــرا پيـــا پـــرين.

پلـــي آئـــين پـــلا پـــرين، پـــورل منهنجـــا پـــر جهـــل،
ڪيئـــي قـــرب ڪـــروڙين، اچـــي الاهـــي اجمـــل،
لٿـــا مونجهـــارا مَـــنَ جـــا، ٿيـــا سُـــرها گُـــل ڦُـــل،
ٿيـــا شـــاهي شُـــغل،اوهان مـــور آئـــي ”مـــولابخش“ چئـــي.

-0-

# لوڪ گيت

اجرڪ ٽوپي وارا سڀ گڏجي هڻو سنڌ جا نعرا،
ننڍا وڏا پڪا پوڙها سهڻي سنڌ جا سهارا.

آبرو عزت اجرڪ ٽوپي آهي شان اسان جو،
لڄ لوئي آهي محبت سندس مان اسان جو،
اجرڪ ٽوپي پائڻ وارا آهن پرين منهنجا پيارا،
سڀ گڏجي هڻو سنڌ جا نعرا.

سنڌ سهڻي ڪئي جوڙيو جانب رب جبار،
مهراڻ جي موتين جي لهن تا سالڪ سهڻا سار،
سنڌي سهڻا سڀ جهڙا آهن دوست منهنجا دلدارا،
سڀ گڏجي هڻو سنڌ جا نعرا.

ڪيان ساهه صدقو سنڌ تان جنهن ڏنو جنم جوڙ جڳ ۾،
مڙين ڪان "مولابخش" وڏيڪ آهين ڀاڳ ۾،
ڏسي ٿو "شيدي" جڳ ۾ وليئن جا نوري نظارا،
سڀ گڏجي هڻو سنڌ جا نعرا.

-0-

# اکڙين بابت (بيت)

آنڪ اکيان ڪن، عجب اشارا عام،
چرپر ڪرڻ سان ڏين، پيار سندا پيغام،
چوڪس چاهه دونن درنگ وجهن دام،
شهزادن کي شڪار ڪرڻ جا، ڪڙول اٿن ڪام،
نيڻ ڪڍن ناز سان جهڪائي وجهن جام،
عينين اڳيان ڪيئي، سجدا ڪن سلام،
ڪسڻ لاءِ ڦاسائين ٿيون، صبح توڙي شام،
اڳ عجيب سندا لوچين لائيون لغام،
نيڻن ڪنول ڪيف ڪشي وڃ غضب آ غمام،
ٿي قيد وڃن قرب ۾ گهورائون هڻي گام،
انهن بلوري بام، سان ڪيئي مست ٿين ”مولابخش“ چئي.

-0-

# سپ چئو گڏجي جيئي سنڌ جيئي سنڌ

سنڌ اسان جي سوني آهي،
وري ان تي ڪاهي ڪوني آهي،
پوءِ ڇو ڍر ڪئي يار توني آهي،
ڏسو ڪيڏو ٿي ويو آ اسان وٽ انڌ.
سپ چئو گڏجي جيئي سنڌ جيئي سنڌ
ٿي ڏرتي سان ويو ڏاڍو آهي،
اڄ اسان وٽ مُک آچر سومر جاڙو آهي،
تڏهن ته روز پٽن جي دل ۾ راڙو آهي،
جيجل کي جان ڏئي ڪناڻو آهي ڪنڌ.
سپ چئو گڏجي جيئي سنڌ جيئي سنڌ
ڪنداسي نه امڙ کان جان پياري،
سپ سورهيه ڪني ٿيون هاري ناري،
تحريڪ هلائي تن سان کيون جنگ جاري،
نصر من الله وفتح قريب ايهو راهه وٺو رند.
سپ چئو گڏجي جيئي سنڌ جيئي سنڌ
ڪڏهن نه ڪڏهن دشمن سان دنگ ٿيندو،
مددگار هر دم اسان سان هادي هوندو،
فاتح فتح اسان کي ڏاتار ڏيندو،
"مولابخش" ماءُ کي جڏ جان ڏينداسي جِندُ.

–0–

# قومي بيت

تـــين ســـرهائيون ســـنڌ ۾، ســدا تـــين مينگهـــ ملهـــار،
دعـــائون دلـــدار صـــدقي، تـــون ســـاڻي تـــي ســـتار،
ســـنڌ ســـهڻيءَ جـــي جـــوڙي جـــوڙ جانـــب رب جبـــار،
ڪـارا ڪڪـر بـادل برسـن، واهـ ڪـن ڪـي وسـڪار،
وڏ ڦـــڙا وڏا ميـــنهن وســـن، تـــي چيهـــ ۾ چمـــڪ چـــوڏار.
تـــر ننگـــر پـــارڪر تـــي، هجـــن ڪنـــوڻين جـــا ڪلڪـــار،
هينـڊل، مينـڊل، هـاٿي مڙئـي، ڪـن ٻيلـي منجهـ ٻهڪـار،
طوطـا، تتـر، مينـا منـو هجـي ڳيـرن جـي ڳٽڪـار.
ڏاريـــا اڇـــي ويهـــي ڏســـندا، وڻـــن جـــي وٽڪـــار،
تـڏهن سـنڌ سـاري سـبز هُئـي، هُئـي گجـر گـل و گلـزار،
ايهي چرچ ڪندا هئا چنگو منگو ڏسي جيجل جي جهلڪار.
ساراهـ ڪنـدا هيـا سـنڌ جي،سوڊان، آفريڪـا، آمريڪـا،
جاپان، ٽوڪيو، ڪوريا، هاليند، انگليند، سئزرليند، سريلنڪا،
هر هنـڌ هلنـدي هئي هـاڪ اتـي، جيجـان جي جهونگـار.
ســـنڌ ســـيدن ســـان آهـــي، هـــيءَ ســـڄي ســـمايل ســـاري،
پـــٽ جـــو پٽـــائي، قلنـــدر لعـــل، بـــودل شـــاهـ بخـــاري،
رڪيـل، چيـزل، سـچل سرمسـت، سـائين سـمن سـرڪار.
پـرين محـابي پـاڻيءَ جـي، ڪيـو پالڻهـار ڪـي پڪـار،
سـدا وسـائي سـنڌ تـي، ميـنهن سـائين صـاحب سـتار،
"مـــولابخش" ســـنڌ ڪـــي، پيـــو تـــارڪ صـــدقي تـــار.

-0-

# قومي گيت

جيجــــل جـــي جهـــوليءَ ۾ آياســـين،
جيجـل جـي جهـولي منجهـ پئـي پلياسـين.

ڪيئـــي قابـــل ڪنـــڌار جـــوڌا جـــوان،
انهـــن منجهـــان مٿـــيءَ مـــاءِ لـــڌو مـــان،
جيجـــل جـــي جهـــوليءَ ۾ آياســـين.
ڪهـڙي واڪـاڻ ڪيـان مومـل جـي مـان جـي،
ســنڌي ســهٽيءَ جــي جهــولي ۾ جهلياســين،
جيجـــل جـــي جهـــوليءَ ۾ آياســـين.
ملڪـن ۾ مشـهور آ اربيلـيءَ سـندي احسـان جـي،
پليـتن ڪـان پـري ڌرتـيءَ جـا ديوانـا ٿياسين،
جيجـــل جـــي جهـــوليءَ ۾ آياســـين.
"شـــيديءَ" ڪـــي شـــاهي ڌرتـــيءَ ڏن،
تـــوڪي "مـــولابخش" مـــور تخلـــص ڏنـــو مـــن،
جيجـــل جـــي جهـــوليءَ ۾ آياســـين.

سنڌ سهٽيءَ جيجان جو اسان تـي احسـان تـ ڏس،
ڏنا امڙ اسـان کي، هيمـوءِ هوشـوءَ جهڙا جـوان تـ ڏس،
چام تندي ۾ شهيدن سان، رنگيـل آميـدان تـ ڏس،
ڪهـي آيـا قـرب ۾، ٿيـا اڄ مـور مهمـان تـ ڏس،
بشير خان، آ آريسر خان جا، فرمايل فرمان تـ ڏس،
هن محفل ۾ "شيدي" چئي، ٿيا شاهي آهن شان تـ ڏس.

-0-

# چيرووِن هُنر (ذاتين ۾) سُر سسئي

**سسسئي:** اونا نہ ڏسي: راڙي ڪيائين،
**چيير:** اٺ نہ ڏسي: رڙهي ڪيائين.

**سرتيون:** دايا ٻڏي:سيهڙ آيس،
**چيير:** دانهان ٻڏي:سي هڙ آيس.

**سرتيون:** حال ڏي چوتي روئين شور نہ ڪر،
**سسسئي:** چيائين سهاڳ ڏيرا ڪٽي ويا،
**چيير:** چيائين سهاڳ ڏير ڪٽي ويا.

**سرتيون:** هاٺي "شيدي" ٿيندو جي حجم ڏئي ويا،
**چيير:** هاٺي چا ادي ٿيندو جي هي جم ڏئي ويا.

**سسسئي:** وِرڪ قل ڏنور ڏهاٽي نہ تي.
**چيير:** ور ڪان پل ڏور ڏينهن هاٽي نہ ڏي.

**سسئي:** جت جعفري ملاح ميليندو "مولابخش" چئي.
**چيير:** جت جاءِ قيري مولا ميليندو "مولابخش" چئي.

-0-

# چيروون هُنر (نالن ۾) "واقـعہ ڪربـلا"

حضرت امام مسلم جي معصوم ٻچڙن کي شهيد ڪندڙ حارث بد بخت سان سندس گهر واريءَ جو ڳالهائڻ.

هنــر: شـيرل ڏسـي چيـائيس تـہ هـي گلشــن نــہ،
چيــر: مچريـل ڏسـي چيـائين تـہ هـي گـل چـن نــہ.
هنــر: علـي گـوهر تـي نـہ تـہ مـونتي امـداد ڪـر،
چيــر: علـيءَ گـوهرن تـي نـہ تـہ مـونتي امـداد ڪـر.
هنــر:چيـائينس ٽـالپر ٽـي مـون ڪـي قـادن ملنـدو،
چيــر: چيـائينس ٽـري پـري ٽـي مـونکي ڪـافي ڏن ملنـدو.
هنــر: محمـد بخـش جـي تـہ "مـولا بخـش" ڪنـدو،
چيــر: محمد بخشي جـي تـہ مـولا بـہ بخـش ڪنـدو.
هنـــــر: لعلــــڻ شــــر ۾ "شـــيدي" چـــوي،
چيـــر: لـعـــلڻ مـــحشر ۾"شـــيدي"چـــوي.

-0-

# ڪافي

گهران ٿو رب ڪان دعا، ڪندو جاني نہ جدا،
اها منهنجي آ صدا، پوري ڪندو شل خدا.

مون سان منهنجا ماروئڙا مولا ملائيندو،
پڌل پيڙو منهن جو مولا تار مان تاريندو،
اها منهنجي آ صدا پوري ڪندو شل خدا.

واهي منهنجا ڏکن ڏينهڙا ڏور ٿيندا،
قرب ڪري ڪڪڙن تي اڱڻ شل ايندا،
اها منهنجي آ سدا پوري ڪندو شل خدا.

گڏجي خوشيون "مولابخش" سان ماڻيندا،
هو حيران ٿيندا مون کي ڏيهہ مبارڪون ڏيندا،
اها منهنجي آ سدا پوري ڪندو شل خدا.

–0–

# ڪافي

منهنجـــي دل جـــو ڏٽـــي تـــون دلـــدار آن،
تـــون لهنـــدو ســـجڻ ســـائين ســـار آن.

ڪيــڏي مــون ســان تــو ڪئــي مهربــاني،
تنهنجـي قـدمن ۾ هئـي رکـي جنـد مـون جـاني،
منهنجـي سـاهہ جـو سـائين تـون سـرڪار آن،
تـون منهنجــي دل جــو ڏٽــي تــون دلــدار آن.

“مــولابخش” جــو تــون آهــين جــيءَ جيــارو،
تــو پنهنجــي اکــڙين ۾ مــونکي ويهــاريو،
ڪيــڏو “شـيدي”ءَ سـان ڪنـدو تـون پيـار آن،
منهنجـــي دل جـــو ڏٽـــي تـــون دلـــدار آن.

مـنهن منـا منهنجا پـرين مـون ڪـان مـنهن نـہ مٽـاءِ،
اسان نانءُ ٻڌي نيڪي آيا سجڻ تنهنجي آيا سي ساءِ،
بيواجبي ڪري نہ پورل مونکي سهٽا ڪين ستاءِ،
پَر جي پئي آ تہ پرچايون ڪٽي اهو ٻهڳڻ ڪولي ٻڌاءِ،
اچي نينهن نياءِ تہ ملن مبارڪون “مولابخش” چئي.

–0–

# ڪلام

پرديسي پيارا، وئين دل تون ڪٽي،
ڪسي دل منهنجي، وئين تون ڏاڙو هٽي.

واعدا پنهنجا ياد تون يار رکجانءِ،
محبوب ماضيءَ کي وساري نہ ڇڏجان،
ڪيڏي منهنجي توسان بات بٽي،
پرديسي پيارا، وئين دل تون ڪٽي.

توسان منهنجو آهي پيار پراڻو
رس نہ سهڻا تي تون سياڻو
تنهنجي منهنجي پيار کي جاڻي ٿو ڏٽي،
پرديسي پيارا، وئين دل تون ڪٽي.

پرين پيارا تون مونکي نہ ڏکاءِ جانءِ،
ڪڏهن بہ "مولابخش" کي سهڻا نہ ستائجانءِ،
چوي "شيدي" پرين توسان لڳي آهي اک جي اٽي،
پرديسي پيارا، وئين دل تون ڪٽي.

-0-

# ڪلام

جند جان سڄڻ آ تنهنجي سهاري،
ڇڏجانءِ نہ پرين پنهنجو پيار تون وساري.

اکڙين کي پرين آهي تنهنجو انتظار،
موتي ڪڏهن ايندين منهنجا محب منٺار،
هاڻي دل ٿي سڄڻ پئي توکي ساري،
ڇڏجانءِ نہ پرين پنهنجو پيار تون وساري.

مونکي ماڻهون ڏين ٿا مهڻا هزار،
ڪيا تن جا قبول مون آهن آزار،
اها ڳڻتي پئي ٿي جان کي ڳاري،
ڇڏجانءِ نہ پرين پنهنجو پيار وساري.

اچي "شيدي"ءَ سان تون مل منٺار،
منهن جي خوش ٿي اڱڻ تي ڪل منٺار،
راهہ لالوءَ ۾ "مولابخش" تو نهاري،
ڇڏجان نہ پرين پنهنجو پيار وساري.

-0-

◈

# ڏور بيت

هــي گــل آهــن گــوهر جــا ســونهن پريــا ســلطان،
آيــا آهــن ڏورانهــين ڏيهــن ڪــان مــور ٿــي مهمــان،
تــــون ســــاٿي ســــڄڻ لاءِ غيــــر ڪــــيڏ گمــــان،
تــہ اهــي محــب محشــر ۾ ڪنــدئي اربــيلا احســان،
مـــت نـــہ وتـــائين مُنـــڌ جـــي بـــرو ٿيـــو بيمـــان،
هو مري ويو مروان، هنن ڪي ملي شهادت "شيدي" چوي.

**مراد:** امير مسلم جي نينگرن جي ڳالهہ آهي تہ امير مسلم جي شهادت کان پوءِ ابن زياد اعلان ڪيو تہ نينگرن کي گرفتار ڪري اچو حارث پليد نينگرن کي شهيد پيو ڪري تہ اتي سندس گھرواريءَ جي ڳالهائڻ بابت سگھڙ جو بيت چيل آهي.

**لفظي ڪول:**

**سٽ (1):** گل ـ نيگر ـ گوهر ـ امير مسلم ـ سونهن پريا سلطان ـ نينگر.

**سٽ (2):** ڏورانهون ڏيهہ ـ مدينو پاڪ ـ مور مهمان ـ نينگر

**سٽ (3):** ساٿي ـ مڙس کي ٿي مائي چئي ـ سڄڻ ـ نيگر.

**سٽ (4):** مُحبَ ـ نينگر ـ اربيلا ـ نينگر.

**سٽ (5):** مت ـ سمجھہ ـ منڌ ـ اها عورت ـ برو بيمان ـ حارث.

**سٽ (6):** مروان ـ حارث

–0–

# ڏور بيت

هــي هاتــڪ مــردُ مجاهــد ڪــي شــاهَ نــٿــو چــڏي،
ڏســي ڏاهــي ڏاهــپ ســان هيــئن چــيس ويــر وڏي،
ٻنهــي جـــي ڀڳـــڻ پـــوءِ گـــاڏي چـــڏي گـــڏي،
اجان تـونگر آهـي تـڏي، مـرد جـي ”مـولا بخش“ چئـي.

**مراد:** احد واري لڙائيءَ ۾ حضور پاڪ ﷺ جن جي چاچي حضرت امير حمزه رضي الله عنه جن جي شهادت کان پوءِ جڏهن ڪيس جسم مبارڪ جنت البقيع ۾ دفنائڻ لاءِ کڻي هليا هئا تہ احد جبل سندن جسم سان گڏ هلڻ لڳو جنهن بعد جبل جي خواهش مطابق پاڻ سڳورن پنهنجي چاچي ڪي اتي ئي دفنايو.

**سُگھڙ جو ان واقعي بابت ڏور جو بيت ڏنل آهي.**

**لفظي ڪول:**

1. هاتڪ ـ حضور پاڪ ـ مردُ ـ جبل ـ مجاهد ـ امير حمزه.
2. ڏاهو ـ نبي ڪريم ـ وير ـ نبي ڪريم.
3. ٻنهين ـ احد جبل ۽ امير حمزه ڪي پاڻ گڏائي چڏيو.
4. تونگر ـ امير حمزه ـ مردُ ـ احد جبل

-0

# ڏور بيت

آديســـي آيـــو عجيـــب وٺ قـــادر جـــي ڪـــري،
ڪيــائين حقيقــت هــوت ســان پــورل جــي پــري،
۽ ســـٽايائين ســندي ڪــي جونـــ پيــو ويــر ڏي وري،
بيت بچي يا مري، آهي مقدر تي”مولا بخش“ چئي.

**مراد:** محبوب ڪريم جي معجزي سان سڪل بنڊ مان سائو وڻ ٿي پيو ۽ ان مان ٽپڪو انب ڪريو جيڪو ريان بادشاهہ جي ننڍي نياڻي ڪٽي کاڌو تہ الله جي قدرت ان ڇوڪريءَ کي پيٽ ٿي ويو ۽ ڳالهائيندي ٻار ڄمي پيو ۽ ناني سان ڳالهائي نبي سائين جي نبوت جي شاهدي ڏئي ڇوي تہ ڪلمون پڙهہ[1].

**لفظي ڪول:**

1. آديسي ـ ننڍو ٻار ـ عجيب ـ نبي ڪري= قادر = الله حقيقت = ڳالهہ ڪئي ڇوڪر ـ هوت ـ نبي ڪريم = پورل = حضرت ٿيث ۽ سٽايائين ـ يعني ٻڌايائين ـ سندي ڪي ـ يعني ناني کي ـ وير ـ نبي ڪريم.

[1] هيءَ سگهڙن وٽ روايت هلندڙ آهي، مرتب جو جو سهمت هئڻ ضروري ناهي.

-0-

◈

# ڏور بيت

عـــرض ڪـــري عجيـــب ڪـــي جانـــب چيـــو جيـــئن،
ٻـــڌي ٻـــولي ڀهڳـــڻ جـــي ڪٺـــي تـــونگر ڪيـــو تيـــئن،
جـــوڙ جوڙيـــو جبـــار هـــو اتـــي اربـــيلن جـــو ايـــئن،
ڪيو ڪاملن هو ڪيئن، اهو مڙئي ٻڌايو ”مولابخش“ چئي.

**مراد:** امير مسلم جي نينگرن کي حارث پليد شهيد ڪيو الله جي قدرت سان ٻئي ڀائر ڀاڪر پائي پاڻيءَ ۾ اويارا هلڻ لڳا[1].

**لفظي ڪول:**

(1) عجيب ـ وڏو ياءُ ـ جانب ننڍو ياءُ
(2) ڀهڳڻ ـ ننڍو ياءُ ـ تونگر ـ وڏو ياءُ
(3) جبار ـ الله ـ اربيلا ـ ٻئي نينگر
(4) ڪامل ٻہ ٻئي ـ نينگر

[1] هيءَ سگهڙن وٽ روايت هلندڙ آهي، مرتب جو جو سهمت هئڻ ضروري ناهي.

-0-

# ڏور بيت

مـوڳي مـونکي محـب آهـي عجيـب ڏنـو اجـل،
ويو جو وير وستي چڏي هاٿي ڪيئن ايندو ڪامل،
ٻـڏي ٻـولي ڀهڳـڻ ڪـيس پلائـي پرجهـل،
ائـين نـوازي نرمـل، مير چـڏيس ”مـولابخش“ چئـي.

**مراد:** حضرت امير عمر فاروق رضہ جي خلافت واري دور ۾ هڪ پوڙهي عورت جو تيل هارجي پيو ۽ رستي ۾ روئي رهي هئي تہ اتي سيدنا عمرفاروق رضہ جن آيا جن زمين تي ديڙو لڳائي زمين سان ڳالهايو تہ اي زمين جيڪڏهن مون عُمر رضہ تنهنجي مٿان انصاف واري حڪومت ڪئي آ تہ تيل واپس ڪر.

بس امير عُمر رضہ جو چوڻ ۽ زمين جو تيل واپس ڪرڻ اها پوڙهي تيل کڻي خوش ٿي هلي وئي[1].

**لفظي کول:**

موڳو ـ ٿُڏو ـ محب ـ حضرت عُمر رضہ ـ عجيب ـ بہ ـ حضرت عُمر رضہ وير حضرت ـ عُمر رضہ ـ ڪيئن ايندو ـ تيل ـ ڪامل ـ حضرت ـ عُمر رضہ ـ ڀهڳڻ ـ حضرت عُمر رضہ ـ پرجهل بہ ـ حضرت عُمر رضہ ـ نرمل ـ حضرت عُمر رضہ ـ مير بہ ـ حضرت عُمر رضہ.

[1] حوالو: مراة المناجيح ص 381 جلد 8 — تحفة الطلاب — ص 229.

-0-

◈

# ڏور بيت

هــيءَ پــري اٽئــي پــارس جــي پــرينءَ ڇــيس پونـــ،
قدر تنهنجي ڪـامي، ڇيس ڪـامـل ڪيشي ڪونـ،
ائين مورناهي "مولابخش" ڇئـي جيـئن تـونگر ڇيـو تونـ،
ڪـــاٽي گـــل گـــوهر جـــا ءِ ڪـــاٽي مـــرد مٿـــونـــ.

**مراد:** محبوب ڪريم ﷺ جي وصال کان بعد نعلين مبارڪ حضرت علي Γ سلمان فارسي ؓ کي ڏني تہ سلمان فارسي ؓ پنهنجي سرجو تاج ڪري چڙهي[1].

**لفظي ڪول:**

پري ـ نعلين مبارڪ ـ پارس ـ نبي ڪريم ـ پرين ـ حضرت علي ـ ڪامي ـ حضرت سلمان ـ ڪامل ـ حضرت علي ـ ائين مُورُ ناهي ـ اصل ناهي ـ تونگر ـ حضرت ـ علي ـ گل گوهر جا ـ قدم نبي ڪريم جا ـ مردُ سلمان ـ شهنشاهہ ـ محبوب مديني وارو.

---

[1] هيءَ سگهڙن وٽ روايت هلندڙ آهي، مرتب جو جو سهمت هئڻ ضروري ناهي.

-0-

# ڳجھارتون (سُر سسئي)

- **ڏيڻي:** عضوي جي نر نالو ذات ٽيندس.

  **ڀيڻيءَ جا بند:**

  عضوي جي: لڪير.

  نر نالو: نصيب.

  ذات: راهي

  **ڪول:** لڪيرن ۾ نصيب لکيل آهي

  تہ راهي ٽيندس.

- **ڏيڻي:** ذات نہ نالو هو.

  **ڀيڻيءَ جا بند:**

  ذات: جعفري.

  نالو: آدم

  **ڪول:** جا فري ڏٺم تہ نالو آدم ئي نہ هو.

- **ڏيڻي:** ڪڻ مال جي اڳيون ذات ٽئي.

  **ڀيڻيءَ جا بند:**

  مال جي: ڪلي.

  ذات: اوڏ

  **ڪول:** ڪڻ ڪلي اوڏڙا ٽا وڃنين.

- **ڏيڻي:** ذات آئي تہ نالو نہ هو.

  **ڀيڻيءَ جا بند:**

  ذات: سامت.

  نالو: آدم

  **ڪول:** سامت آئي تہ ڪو آدم نہ هو.

- **ڏيڻي:**توهان نہ شهر، مان ذات ٽيندس.

**پيچڻيءَ جا بند:**

شهر: جهل.

ذات: راهي

**ڪول:** توهان نہ جهليو مان راهي ٽيندس

- **ڏيڻي:** وٺ مال جو ذات ٽئي.

**پيچڻيءَ جا بند:**

مال جو: چارو.

ذات: اوڏ

**ڪول:** وٺ چارو هُو اوڏڙا ٽئي

# ٻجهارتون (سُر سُهڻي)

- **ڏيڻي:** جي ذات ڏنئي تہ مال جو ڪرين هان.

**پيچڻيءَ جا بند:**

ذات: ڪصر.

مال جو: ٿاهر

**ڪول:** جي درياءَ ۾ ڪصر ڏنئي تہ ٿاهر ڪرين هان

- **ڏيڻي:** نالي ڪي فقير جي ڏني هئي واٽڪي وجي ها.

**پيچڻيءَ جا بند:**

نالو: درياءُ.

فقير جي: موج.

واٽڪي: هٿي

**ڪول:** جي درياءُ ۾ موج ڏني هُئي تہ هتي وجي ها

## ٻَجھارتون (سُر مورڙو ميربحر)

- **ڏيٺي:** ڪپڙي جو نڪر هي بہ نالو ويندو فقيرن جو ڪير.

**پيڇٽيءَ جا بند:**

ڪپڙي جو: پلاند.

نالو: بچل.

فقيرن جو: ٽولو

**ڪول:** پلاند جو نہ ڪر هي بچل بہ ويندو پوءِ هن فقيرن جي ٽولي جو ڪير ڪندو.

- **ڏيٺي:** تون چور ڪپڙي جو وَهَٽَ جو گاَهہَ فقير جو ڇا ٽيندو.

**پيڇٽيءَ جا بند:**

چور: ظالم.

ڪپڙي جو: وَرُ

وَهَٽُ: ڪچڙو.

فقير جو: ٽولو

**ڪول:** تون ظلم جي ور چڙهي وئين تہ پوءِ هن ڪچڙي ٽولي جو ڇا ٽيندو.

## ٻَجھارتون (سُر ليلان چنيسر)

- **ڏيٺي:** شهر ليلان، وجي نالو مرض ٿي.

**پيڇٽيءَ جا بند:**

شهر: هنڙي.

نالو: گدا.

مرض: گرُ

**ڪول:** هٽ ڙي ليلان وڃي گداگر ٿيءُ

- **ڏيڻي:** مان جنگ جي ڪئي تون چور جي نہ ڪر.

**پيچڻيءَ جا بند:**

جنگ جي: ٿُوبَ.

چور جي: ڦٽي

**ڪول:** مان توبھ ڪئي تون ڦٽي نہ ڪر

- **ڏيڻي:** ڪتي جي نہ ليلان، ڪاٺ جي ڪر.

**پيچڻيءَ جا بند:**

ڪتي جي: نڪر.

ڪاٺ جي: پينسل

**ڪول:** نڪر هتان وڃي پن سن ڪر

- **ڏيڻي:** مان چڏي تون ڪتي جي نہ ڪر.

**پيچڻيءَ جا بند:**

مان: انا.

ڪتي جي: لوڌ

**ڪول:** پنهنجي انا چڏي، تون لوڌ نہ ڪر.

–0–


٧٨٦
اَلصَّلوٰةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللّٰه
يا الله
يا محمد

# ايوارڊ سرٽيفڪيٽ

محترم جناب عبدالخالق عرف مولابخش شيدي
ڪي پنهنجي فيلڊ سگهڙ آرٽ ۾ محبت مصطفيٰ ﷺ
جو ثبوت ڏئي بهترين ڪارڪردگي ڏيکارڻ عيوض. سنڌس خدمتن جي مڃتا طور
”عشقِ رسول ايوارڊ سرٽيفڪيٽ“ ڏجي ٿو.

١٢ ربيع الاول
١٤٣٣ھ

حسين بخش گهانگهرو
ناظم
يو.سي موڙهو جبل
ڄامشورو

علام دين محمد ڳڱهيو
سرپرست
مرڪزي جماعت اهلسنت
ڄامشورو

عاجز رحمت الله لاشاري
ميڊيا ڪوآرڊينيٽر:
مرڪزي جماعت اهلسنت ڄامشورو
باني چيئرمين: بزم ثنا خوان رسول سنڌ

پاران مرڪزي جماعت اهلسنت ڄامشورو

**سُگهڙ مولابخش شيديءَ کي فني مڃتا طور مليل سرٽيفڪيٽ جو عڪس**







**سُگهڙ مولابخش شيديءَ کي فني مڃتا طور مليل سرٽيفڪيٽن جو عڪس**


صاحبِ ڪتاب سُگهڙ ڪنوينشن ڄامشورو

سنڌ سگهڙ لوڪ ادب تنظيم (سلات) هيڊ آفيس ڄامشورو

تاريخ: 12-12-2015

سُگهڙائپ جي سَند

سند نمبر: 047

نالو: مولابخش ولد علي شير ذات شيدي

پتو: شهر الوروڙي تعلقو وارهه ضلعو قمبر شهدادڪوٽ

کي سنڌ جي قديم "لوڪ ادب" جي تخليق / سهيڙ/اشاعت ڪرڻ جي اعزاز ۾ مڃتا طور هيءَ سَند ڏني وئي.

ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو
چيئرمين
سنڌي شعبو وفاقي اردو يونيورسٽي ڪراچي

الهڏتو وگهيو
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو


سرفراز راڄڙ
چيئرمين
سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد

عبدالخالق عرف مولابخش شيدي
ڪنوينر: صاحبِ ڪتاب سگهڙ ڪنوينشن

حسين بخش رِڏ
مرڪزي صدر: سلات

عاجز رحمت الله لاشاري
باني: سلات

سُگهڙ مولابخش شيديءَ کي فني مڃتا طور مليل سرٽيفڪيٽ جو عڪس







**سُگهڙ مولابخش شيديءَ کي فني مڃتا طور مليل سرٽيفڪيٽن جو عڪس**







سُگهڙ مولابخش شيديءَ کي فني مڃتا طور مليل سرٽيفڪيٽن جو عڪس

